

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو

منصور عثمان

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو

---

منصور عثمان


**سنڌي ساهت گهر**

حيدرآباد، سنڌ

2008ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر 201

ڪتاب جو نالو: شهيد پيءُ جي شهيد ڌيءُ ڏي خط
ليڪڪ: ذوالفقار علي ڀٽو
منصور عثمان
ڪمپوزنگ احسان لغاري
ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ: مارچ 2008ع
قيمت -/120 هڪ سو ويهه روپيا فقط

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر: رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ گاڏي کاتي حيدرآباد، سنڌ
Ph: 022-2780701 - Mob: 0300-3946518
پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد 022-2633679
- ڀٽائي ڪتاب گهر گاڏي کاتي حيدرآباد 0345-3587391
- رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو 0307-3471205
- عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر 0712007402
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه 0300-3006469
- قاسميه لئبريري ڪنڊيارو 0300-3144668
- المنعم لئبريري - 17، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333-7541193
- بوڪ ورلڊ رابعه سينٽر لڳ عسڪري بئنڪ، بندر روڊ لاڙڪاڻو 0333-7548804
- المهراڻ ادبي ڪتاب گهر ٺاٺو روڊ سانگهڙ 0235-542182
- گل ڪتاب گهر لکيدر شڪارپور 0346-3701659
- العزيز ڪتاب گهر ٿر بازار عمرڪوٽ 0238570345

*SHAHEED PE JO SHAHEED THE DAY KHAT*
By: Mansoor Usman
Published by: Naz Sanai
Sindhi Sahat Ghar Rabia Siqure
Gari Khato, Hyderabad Sindh.
March: 2008 - Book No: 201
Per Copy: Rs: 120/=

www.bhutto.org

# ٻه اکر

سنڌي ساهت گهر طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو، پنهنجي اڏول ۽ ارڏي نياڻي محترمه بينظير ڀٽو ڏانهن جيل جي ڪال ڪوٺڙي، ڦاسي گهاٽ مان لکيل خط جو، ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي خط ۾، پنهنجي نياڻيءَ مان جيڪي اُميدون رکيون هيون ۽ جيڪي ڪيس هدايتون ۽ رهنمائيءَ جا رستا ٻڌايا هئا، محترمه بينظير ڀٽو انهن راهن تي هلي شهادت ماڻي چڪي آهي.

هيءُ خط هڪ وڏي تاريخ آهي ۽ ڀٽو ازم جي پيروڪارن لاءِ مشعل راهه طور ڪم ايندو رهندو.

حيدرآباد سنڌ

6- مارچ 2008 — ناز سنائي

www.bhutto.org

# سڀني مظلوم سنڌي قوم جي نالي

www.bhutto.org

منهنجي پياري ڌيءَ پنڪي!

هڪ تهمتي قيدي، پنهنجي ٻيءَ جي زندگيءَ بچائڻ لاءِ وڙهندڙ سُندر ۽ هوشيار ڌيءَ ڏانهن. جيڪا پاڻ بہ قيدَ ۾ هوندي جاٽي تي تہ هُن جي ماءُ پڻ سندس جيان ساڳيءَ پيڙا ڀوڳي پئي. سالگرهہ جي واڌاين واري اهڙي جذبي سان خط ڪيئن ٿو لکي. جيڪو لکپڙهہ کان اُتم آهي، تہ پيار ۽ کهل جو نياپو هڪ قيد جي سِيخن مان نڪري ٻئي قيد تائين، ۽ هڪ سنگهر کان ٻيءَ سنگهر تائين ڪيئن ٿو پُهچي.

نهرو پنهنجي ڌيءَ سان گهڻو پيار ڪندو هو تنهن پاڻ پنهنجيءَ ڌيءَ ڏانهن سالگرهہ جون واڌايون جيل مان موڪليون هيون. مون اُها ڳالهہ توسان اڳ ۾ پهرين يا ٻئي خطن ۾ بہ ڪئي هئي، جيڪي مون توڏانهن ٽي خط جڪارتا مان 1964ع ۾ لکيا هئا. جڏهن تون 'ڪانوينٽ ميريءَ' ۾ پڙهندي هُئينءَ ۽ صنم تہ اجا ننڍڙي هئي. اُن ڊگهي خط ۾ مون لکيو هو تہ. نهرو ڪيئن پنهنجي ڌيءَ ڏانهن جيل مان دنيا جي تاريخ تي خط لکيا هئا. پوءِ اُهي خطَ سهيڙي هڪ ڪتابَ جي روپ ۾ ڇپايا ويا هئا. جنهن ڪتابَ کي 'دنيا ۾ جهاتيون' جو نالو ڏنو ويو هو.

مونکي پڪ آهي تہ. هُن جو پهريون خط سالگرهہ جي واڌاين جو هو

www.bhutto.org

جنهن ۾ نهروءَ پنهنجي ڌيءُ کي 'اِندُو' ڪوٺيو هو ڇوته جڏهن هوءَ تيرهن ورهين جي هئي، تڏهن هُو ڪيس پيار مان ايئن سڏيندو هو. آئون تڏهن ٽيويهن ورهين جو هوس. مون اُهو ڪتاب چار ڀيرا پڙهيو هو. نهرو تڏهوڪي وقت جو انگريزي ٻوليءَ جي ليکڪن مان پلوڙ ۽ ٺاهوڪو ليکڪ هو. هُن جي لفظن ۾ موسيقي ۽ مِناس به هوندي هئي.

مون چوڏهن ورهيه اڳ جڪارتا مان توکي چتاءُ ڏنو هو ته، آئون نهروءَ سان برميچڻ نٿو چاهيان، ۽ نه ئي آئون هُن جي مثال جي پوئواري ٿو ڪريان ۽ هيننئر، جڏهن هُن پنهنجي ڌيءُ ڏانهن خط لکيا هئا. آئون به بلڪل هاڻي هن جيان جيل ۾ آهيان. اُهو هڪجهڙائپ جو مثال آهي، ۽ پيو ته آئون به پنهنجي ڌيءُ ڏانهن سالگرهه جي واڌاين جو خط پيو لکان. پر اُهو سڀُ هڪجهڙو ڀانئيندي به ساڳيو عمل نه آهي. ڇوته نهروءَ کي ڌارين حڪمرانن طرفان مانُ مريادا ۽ عزت آبروءَ سان جيل ۾ رکيو ويو هو. هُو آزاديءَ جو سچو سپاهي هو: هندستاني جنتا جو مهانَ اڳواڻ، ڪيمبرج جو پڙهيل، اهڙي وڏگهراڻي جو ڀاتي، جنهن جي هاڪَ هئي. پر هُن کي فوجي جنتا طرفان مون جيان قاتل سڏيو نه ويو هو ۽. نه ئي مٿس مُلڪ سان دوکي جي تُهمت مڙهي وئي هئي.

آئون ته لاڙڪاڻي جي ڳوٺڙي جو هڪڙو ويچارو رُڳو حُڪمران ٽولي هٿان هن موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ ماندو ٿو ٿيان. اهو ئي هُن ۽ مون ۾ وڏو فرق آهي. نهروءَ جي ڌيءُ جڏهن تيرهن ورهين جي ننڍڙي نينگري هئي، تڏهن هُن سياست ۾ پير پاتو هو. هُن هڪ تنظيم جوڙي هئي، جنهن کي هُن 'پولڙا بريگيڊ' سڏيو هو. تڏهن هوءَ سياست جي اوڙاهه مان سُني ۽ چڱيءَ ريت ڪاڻ ٿُپي هئي. پر تون ته هيننئر اوڙاهه جي وچ ۾ قاتل آهين، ۽ اُهو اوڙاهه ڪنور فوجي جنتا جي باهه آهي، جيڪا ٻُچڙي ۽ ڪِني آهي. تنهنڪري اُنهن باهين ۾ دُنيا جهان جي وِٿيءَ آهي. تنهنڪري اُنهن ٻنهي باهين کي ڀيٽائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن سچائيءَ ۾ ڪا ساڳيائپ آهي، ته اها هيءَ ته تون اندرا گانڌيءَ جيان تاريخ پيئي ٺاهين. تنهنڪري اها هام هڻي سگهجي ٿي، ته آئون اندرا گانڌيءَ کي سندس والد جيان ايئن

آهي، پر سياست جي بهشت ماڻهن جي پيرُن هيٺان آهي. مون پنهنجي عوامي زندگيءَ ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ گهڻا ڪارناما ڪيا آهن. پر جيستائين مونکي ياد اچي ٿو ته، سڀ کان وڏو انعام- ساراهيندڙ ڪم اُهو آهي، جيڪو ڏُڪايل غريبن جي ٿڪل ماندن مُکن تي مُرڪ آڻي، ۽ ڏکايل ڳوٺاڻن جي اکين ۾ چمڪ آڻي.

هن موت جي ڪوٺيءَ جي چوڏيواريءَ ۾، دنيا جي مهان اڳواڻن مونکي جيڪا محبتا ۽ مانُ ڏنو آهي، تنهن کان وڌيڪ آئون ڳوٺ جي اُن ويچاري رَنڙ عورت جا لفظ ياد ڪندي ڳاٽ اوچو پائيندو آهيان ٿو جنهن منهنجي سرڪار طرفان سندس پُٽ کي پرڏيهه ڏانهن اسڪالرشپ تي وڌيڪ تعليم لاءِ موڪلڻ ڪانپوءِ چيو هو: "صدقو وڃانءِ، سُهڻل سائين." وڏن ماڻهن لاءِ اُهي ننڍڙيون ڳالهيون آهن. پر مون جهڙي ننڍڙي ماڻهوءَ لاءِ سچ ته اها وڏيءَ ڳالهه آهي. توهان ڌرتيءَ ماءُ کي چُمڻ لاءِ تيار نه ٿيڻ تائين وڏا ٿي نٿا سگهو. توهان ڌرتيءَ جي مهڪ نه سُڃاڻڻ تائين ڌرتيءَ جو بچاءُ نٿا ڪري سگهو. آئون پنهنجي ڌرتيءَ جي مهڪ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن درياهي وهڪرن جي موسيقيءَ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن نغارن جو ڌڪُ سُڃاڻان ٿو. تاريخ جي دروازي ٻاهران بيٺل اُهي اصول، متا ۽ لکٽيون نيڪ آهن. پر سڀ کان وڌيڪ اوچو پاڳو اهو آهي ته، ماڻهن جي اُمنگن ۽ کين سُڃاڻڻ جي مڪمل اهليت هُجي. هڪ پيرو جيڪر سُرن جو مطلب سمجهه ۾ اچي وڃي، ته پوءِ شيون نيٺ صحيح جاءِ تي اچي وڃن ٿيون. اصول پاڻُ اڳتي هلي وقت تي پهچي وڃن ٿا. ۽ پوءِ نيٺ تنهن وقت موسيقيءَ جنم وٺي ٿي. اُن ڳالهه جو اُهو مطلب هرگز نه آهي، ته آئون عمليت پسنديءَ جو پرچار ٿو ڪريان. چوته اُن جي گهٽي گهُرج به آهي. آئون مسئلي جي جَڙ تائين پُهچڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. ته اصل چٽاڀيٽيءَ ڪٿان جنم ورتو ۽ هلچل توڙي جاکوڙ جو مقصد ڪهڙو آهي.

آئون اهڙي ڪوٺيءَ مان توکي ڪهڙي سوکڙيءَ ڏيئي سگهان ٿو جنهن مان منهنجا هٿُ به ٻاهر نڪري نٿا سگهن. پر آئون تنهنجن هٿن ۾ عوام

www.bhutto.org

جا هٿ سونپيان ٿو. آئون تنهنجي لاءِ ڪهڙي شادماني ملهائي سگهان ٿو. پر آئون توکي يادگار مشهور سارونٽيون ۽ هاڪارا نالا ڏيئي سگهان ٿو. تون وارث آهين سڀ کان آڳاٽي سڀيتا جي. اُن شاناٽتي سڀيتا کي وڏيڪ ترقيءَ ڏيارڻ ۽ طاقتور بنائڻ ۾ پنهنجيءَ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪر. ترقي ڏيارڻ يا طاقتور بنائڻ مان منهنجو مطلب اهو نہ آهي تہ اُها سيني کان هيبتناڪ هُجي، ڇوتہ هيبتناڪ سماج، تهذيبي سماج ٿي نٿو سگهي. سيني کان وڏيڪ سُڌريل، طاقتور ۽ تهذيبي سماج، حقيقت ۾ اهو سماج آهي، جيڪو فطرتي اصولَ سُڃاڻي، ۽ ماضيءَ توڙي حالَ، مذهب، سائنس، جِدت، ابدي سچاين، ماديت ۽ روحانيت سان ڳنڍيل ۽ جُڙيل هُجي. اهڙو سماج جيڪو ڇڪتاڻ کان آجو هُجي، ۽ تهذيب ۾ شاهوڪار هجي، سو ٽُوٽن ڦيٽن وارن فارمولن ۽ نُڳيءَ سان وجود ۾ نٿو اچي سگهي. اُن کي قدرتي ڳولا- وهڪري جي گهرائيءَ مان وهڻو پوي ٿو: نيٺ غيرطبقاتي سماج ضرور اُپرندو. پر ضروري نہ آهي تہ اُهو مارڪسي سماج هُجي. مارڪسي سماج جو طبقاتي گهاڙيتو جُڙيل آهي.

يورپ جا مارڪسسٽ، سامياواد کان پري ٿي، هينئر موجود طبقاتي بناوت سان گڏ اچي بيٺا آهن، نہ تہ ڪميونسٽ پارٽي اٽليءَ جو جنرل سيڪريٽري اينريڪو بيرلنگوئر تاريخي ناهہ نہ ڪري ها. جنهن حقيقت ۾ اٽليءَ جي قانوني پروفيسر، مُدبر ۽ پنج ڀيرا وزيراعظم رهندڙ آلدو مارو جو ڪاٻيءَ ڏُر جي دهشتگردن هٿان انت آندو.

آئون 1965ع ۾ جڏهن پرڏيهي کاتي جو وزير هوس، تہ مونکي اسلام آباد ۾ هڪ جرمن سفارتڪار ٻڌايو تہ "آفريڪا برف جي هڪ پٽي هئي، جنهن مٿان تيل جو ٿُلهو تهہ چڙهيل هو. ۽ اُهو گهڻي وقت تائين ايئن رهندو." اُها ڳالهہ مونکي ڏاڍي موهيندڙ لڳي. مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪانئس پُڇڻ ڏُکيو هو جيڪو اهڙي ايلچيءَ جو قدر ڪندو هُجي، جيڪو مالڪ نسل سان لاڳاپو رکندو هجي ۽ هڪ ناميا ري سائنسدان جو پاءُ بہ هُجي، جيڪو آمريڪا ڏانهن ميزائيل ناهڻ لاءِ لڏي ويو هو. مون هُن کي ٻڌايو تہ

www.bhutto.org

آئون سندس قدر ڪيان ٿو پر آئون ڀانئيان ٿو ته. آفريڪا ڪارو ۽ پڙپانگ آهي. جيڪو دُنيا طرفان لنوايل ۽ ڪِل جهڙو آهي. پر اُهو ايندڙ بن ڏهاڪن ۾ دنيا جي مرڪز ۾ شامل ٿي ويندو جيڪو هاڻي ٿي چُڪو آهي. پر آفريڪا ۾ جنهن جدوجهد جنگ جوتي آهي، سا بنيادي طرح سامياواد ۽ آزاديءَ وچ ۾ جنگ نه آهي. اها جنگ وڏي 'ناقابل يقين' ڪنڊ جي معاشي وسيلن ۽ ڪچي مالَ وچ ۾ آهي. فرق اهو آهي ته هڪڙي پاسي اُن ڪَنڊُ آفريڪي ماڻهن جي چاهنائن ڪي سُجاتو آهي، ته ٻئي پاسي بنيادي حقن لاءِ وڙهندڙ ۽ آمريڪي شيدي سياستدان اينڊريو ينگ جي چڱ مُڙسي آهي. پر اجائي ڪوشش ائين ڪرڻ کان ناڪام ڪيو آهي.

آئون اصل ۾ اينڊريو ينگ کي ڳنڀيرتا سان نٿو وٺان. مونکي هاڻي اهو ضرور محڻ ڪپي ته اينڊريو ينگ آفريڪا جي اصل مسئلي کي ٻئي ويچار کان سمجهيو آهي. پر هُو اڳ ۾ ئي هيڪلو ٿي پيو آهي. ڀانئجي ٿو ته هُو پاڻ ناڪام ٿيندو يا وري ڪنهن اداري سبب فرانس جي بوربنس جيان بي اثر ٿيندو جنهن سِکڻ کان انڪار ڪيو هو.

ايشيا لاءِ سليگ هيريسن هڪ ٻيو تيزفهم ايشيا ۽ آمريڪي قومپرستيءَ تي لکيل ڪتاب 'ورچجندڙ ڪاڙي' لکيو آهي. جيڪو اُهو ڪتاب پڙهڻ چاهي ٿو تنهن کي اُن قدرتي ڏيک کي ڳشادي سوچ سان پڙهڻ کپي. پاڪستان بابت صفحي 273 تي ڪتاب ۾ لکيل آهي:

" چين سان ويجها ناتا جوڙيندڙ ۽ پر ڏيهي ڪاتي جو وزير ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي 1962ع ۾ نومبر ڏاري چين جي فرضي دشمنيءَ وارن ناتن مان ڪيڏڻ لڳو. جڏهن هن قومي اسيمبليءَ کي ٻڌايو ته. پاڪستان جي پيڪنگ سان دوستي آزاد جُزو آهي ۽ جيڪڏهن ڪشميري تڪرار کي ڀائيپيءَ سان نبيريو وڃي ٿو ته اسان چين خلاف هندستان سان سهڪار نه ڪنداسين. اولهندي ملڪن جو هندستان جي ننڍي ڪنڊ بابت گڏيل بچاءَ جو ويچار کي سمجهڻ جو مطلب آهي: چين سان دشمنيءَ وارا ناتا. شايد پاڪستان ۽ هندستان لاءِ سُلجهاءَ ان عمل ۾ آهي ته. ٻئي

www.bhutto.org

هڪٻئي پٺيان راڄ ڪيو ۽ وڏي پيماني تي سماجي انصاف کان بہ لنوايو. نيٺ، ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجين ڪوشش سان بنگلاديش جي جنگ کان پوءِ باقي بچيل کنڊر مُلڪ کي بچايو."

سليگ هيريسن جي ڪتاب تي هتي لکڻ جو مقصد اهو آهي، تہ جيڪڏهن 1962ع ۾ آئون سائنو- آمريڪن لاڳاپن جي مستقل لاڙن کي اڳوات صحيح طريقي سان سمجهان ها، تہ هوند آئون پنهنجي ملڪ بابت جيڪر اجا وڌيڪ چاڻان ها، تہ اُن جو مستقبل ۾ ننڍي کنڊ ۾ ۽ هن علائقي ۾ ڪهڙو ڪردار تي سگهندو. انهيءَ مقصد لاءِ آئون جرمنيءَ جي ايلچيءَ سان 1965ع ۾ آفريڪا جي مستقبل بابت راولپنڊيءَ ۾ ڪيل پنهنجيءَ ڪچهريءَ تي ڳالهايان ٿو. ايشيائي قومپرستي انيڪ عنصرن کي پاڻ ۾ سموئي ٿي، جنهن جو مطلب آهي تہ اها وڌندڙ ويجهندڙ ۽ بيشڪ ڪنهن هنڌُ بيٺل نہ آهي. اُن جي هاڻي اها معنيٰ نہ آهي تہ، هندستان ڇڏيو. بورزوا قومپرستيءَ واري وڻ جون ڪيئي ٽاريون آهن، جيڪي گهڻي جاءِ تي ڇانوَ ڪن ٿيون. اُها ناهوڪي، نوس وصف ثابت ڪري ٿي تہ، آمريڪا، ويٽنام ۾ جيڪا آفت جهڙي غلطي ڪئي هئي، سا هئي آڳاٽين سيپتائن ۽ مذهبن جي جُڙيل ايشيا جي رنگارنگي قومن تي ٻدل ايشيائي قومپرستيءَ کي گهڻي سادي نموني ۾ سمجهڻ. ڇا سامياواد، ايشيائي قومپرستيءَ جو ڀاڱو آهي، يا وري ايشيائي قومپرستي سامياواد جي ماتحت آهي. اُن ڳالهہ جو سادو جواب اهو آهي تہ اهو هر ملڪ جي تاريخي حيثيت تي آڌار رکي ٿو. ڪجهہ ملڪن ۾ اهو ايئن آهي، تہ وري ڪجهہ ملڪن ۾ نہ ايشيا ۾ اهڙا ڪيترائي مُلڪ آهن، جتي اهڙي قسم جو سُوال اجا اُٿيو ئي نہ آهي.

جديد سامياواد ڇا آهي؟ اُهو سوويت يونين جو سامياواد آهي، يا وري چين جو. مارشل ٽيٽو يا فيڊل ڪاسترو جو سامياواد آهي، يا ويٽنام يا ڪمبوڊيا جو يا وري انگولا جو قومي سامياواد آهي. ڇا اهو يورپي سامياواد آهي؟ جيڪڏهن اُهو يورپي سامياواد آهي، تہ پوءِ ڇا اهو اٽليءَ جو تاريخي ناهہ آهي؟ يا اسپين جو سامياواد، جنهن پاڻ کي لينزم جي مٿي

کان ڇڏائي ورتو آهي. جيڪڏهن ايشيائي ساميواد ڀيچ ڊاهه واري ڏاڪي تي بيٺل آهي، تہ پوءِ آفريڪا جو ويتر وڌيڪ پيچداهہ ۾ ورتل آهي. آفريڪي ڌرتيءَ تي ڪيوبا جي پريشان ڪندڙ موجودگيءَ جو اُن سان وڌيڪ ناتو آهي. آئون اهو چوان ٿو تہ اُهو لاڳاپو ڪنهن سبب بنا آهي. آئون اهڙو هلڪڙو ويچار پڌرو نہ ڪندس، ڇوتہ پورو ڇوت شيون ڪڏهن بہ هڪجهڙيون نٿيون هُجن. اُن حدبنديءَ کي مڃيندي آئون ساڳيائپ ڏيکاريندس، تہ چين، ويٽنام کي آمريڪي فوجي مداخلت دؤران ٻن ورهين جي گهٽ عرصي ۾ گهٽي مدد ڪئي. پر جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ چين ۽ ويٽنام جا لاڳاپا ڇڪتاڻ وارا ڏسڻ ۾ آيا. جيڪڏهن ڏکڻ-اوير ايشيا ۾ اهڙي صورتحال اُيري سگهي ٿي، تہ پوءِ ڪيوبا وارن جي انگولا ۾ موجودگيءَ سبب بہ ايئن ٿي سگهي ٿو. پر ايئن ٿيڻ ۾ نہ آيو آهي.... اولهندي ملڪن جي طاقتن جي انڪار ۽ مختلف ويچار هئڻ سبب گهُرج اُن ڳالهہ جي آهي تہ آفريڪي ماڻهن سان اصلي شرطن پٽاندر ساڻن اهڙا ناتا جوڙجن، جيڪي آفريڪي ماڻهن جي حقيقي اُمنگن تي ٻڌل هُجن.

زائر ۾ فوجي مداخلت وقتي طور هن نسل جي بادشاهہ جي دلين کي سُرهو ڪري سگهي ٿي، پر ايندڙ وقت لاءِ آفريڪا ۾ ساميواد جي اصلي جوڙجڪ تي گهٽو اثر وجهندي. فيڊل ڪاستروءَ جي پيٽ ۾، جيڪو بہ هو پنهنجي ڪنڌ ۾ ڪري سگهيو ايئن نہ آهي تہ آئون سوويت يونين يا آفريڪا ۾ ڪيوبا جي حڪمت عمليءَ کي صحيح ثابت ٿو ڪريان. پر آئون اصل ۾ اُن اصول تي روشني ٿو وجهان، جنهن کي ڪا قوت سُڃاڻي ٿي- آفريڪي ماڻهن جون حقيقي اُمنگون ڪيس سُڃاڻن ٿيون. ۽ ڪين صحيح منزل ڳولڻ لاءِ پڪي اراديءَ ۾ مدد ڪنديون. هڪجهڙائپ يا ذاتي مفادن آڌار پرکڻ سان، دُنيا کي سولائيءَ سان پروڙي نٿو سگهجي: مثال طور هڪ فلسفي يا فني ماهر ڪيوبن يا روسي شهري جيڪڏهن اريٽيريا جي ڌرتيءَ تي پير رکي تہ آئون اُن عمل کي شرمناڪ ۽ ٽِڪو پائيندس. ۽ اُن کي پنهنجي پوريءَ سگهہ سان ڍِنڌيندس، جيڪو منهنجي وس ۾ هوندو. اريٽيريا آزاديءَ لاءِ اصلي جدوجهد جي جنگ جوٽي آهي، جنهن کان اوير

ڪجھ بہ نہ بچيو آهي. ٻنهي نظامن جي غير موجودگيءَ ۾ اُهي ڇا ناهيندا؟ ڇا انهن جي ناهڻ جو نظريو هوندو. نئون فلسفو نئين جوڙجڪ ۽ شعوري طور پنهنجي تباهي پاڻُ آڻڻ؟ اُها نِسوري چريائپ ٿي لڳي.

پر يورپ جو نئون نسل چريو نہ آهي. جيڪڏهن قوم ۽ رياست جي جوڙجڪ ٻن مهان طاقتن جي ضابطي هيٺ رهي، تہ پوءِ دنيا جي هڪ نيوٽران ٻہ جيان ڦاٽي پوڻ اٽتر آهي. ۽ جيڪڏهن اُهو عالمگير ڌماڪو ٻين جي چُرچ تي ٿئي. جنهن جو امڪان آهي، تہ پوءِ ڇا اها وڌيڪ غيرتمندي آهي تہ ننڍي پيماني تي ۽ بيدرديءَ سان پاڻمرادو پنهنجي تباهي پاڻُ آڻجي.... ڇوتہ مثبت عمل اڳتي وڌڻ جو اُتساهہ ڏئي ٿو. اُن جي قوت ۽ رفتار رُوپ وٺي ٿي. جيڪا چِٽنگ جي چمڪ مهل سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي يا تيڻ جهڙي نٿي لڳي. دل گواهي ڏئي ٿي. تہ سچ ڪي ڪتب آندو وڃي، ڳولي لهجي، ۽ پوءِ دل اهو فيصلو ڪري.

چنگيز خان جڏهن منگوليا جي ننڍڙي ڳوٺ مان گهوڙي سوارن سان گڏ نڪتو تہ ڇا هُن کي پتو هو تہ. سندس پويون نسل يورپ، روس، چين ۽ هندستان تي سوڀُ پائيندو ۽ اهڙو نظام رواج ۾ آڻيندو جيڪو ڪيئي پيڙهين تائين اَٽل رهندو. تاريخ ۾ ماڻهن جا اهڙا انيڪ مثال آهن. جن سماج ناهڻ بجاءِ ڊاهڻ جي مقصد جي ذميواري مڃي آهي. تاريخ ۾ اهڙا مثال بہ آهن. جو جن ماڻهن سماج کي ظاهري طور ناهيو تن اصل ۾ ڪيس تباهہ ۽ برباد ڪيو هو. يورپ جي شهرن هائيڊبل برگ ۽ ٽريني ۾ پيرس ۾ الهامي علم واري شعبي جي نوجوان مردن ۽ عورتن، 'آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج وارن نہ'، پنهنجيون دليون روشن ڪيون آهن. اهو رڳو وقت ئي ٻڌائيندو تہ اهو شعلو دنيا کي نئين روشني ڏيندو يا وري سڀ روشنيءَ جا ڏيئا وسامي ويندا.

اولهہ يورپ کان ايشيا ۽ آفريڪا جي حالت وڌيڪ مُنجهيل ۽ ڳنڀير آهي. آفريڪا ۾ ڇڪتاڻ اڃا اوائلي ڏاڪن تي آهي. ايشيا ۾ اها هڪ حالت مان ٻئي حالت ۾ اچي چڪي آهي. ۽ يورپ ۾ تہ اها اڃا گهڻو ڏُور آهي. اچرج جي ڳالهہ اها آهي تہ يورپ. آفريڪا بابت اڃا بہ پريشان














Nishat Studio










DAWN NEWS
KTN
Ptv









ڊيان ۾ رکيو وڃي تہ اسرائيل وٽ نيوڪليائي هٿيار آهن. وچ اوڀر ۾ يا سندس پرپاسي فوجي آمريت. قومن ۽ ننڍين قوميتن واريءَ رياست جي نظام کي وڏيڪ تيزيءَ سان ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏينديون جيڪي نيٺ سماجوادي طاقتن جي قبضي ۾ اچي وينديون.

اصل ۾ ايراني شهنشاھہ بلڪل صحيح هو جڏهن 1978ع ۾ جُون مهيني جي اوائل ۾ هُن چيو هو تہ ايران جي وِگوڙ ۽ ڏڦيڙ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڪو بادشاھہ اچي تخت تي ويهندو. ايران ۾ ٻہ ڪو شهنشاھہ طائوسي تخت تي ويهندو جيڪو گهُرج پٽاندر آئين ۾ سُڌارا آڻيندو يا وري طائوسي تخت ايران جي ڪنهن عجائب گهر ۾ رکيو ويندو. ٻچاڙڪي ڇنڊڇاڻ پٽاندر ايران ۾ بادشاهيءَ 'شهنشاهيت' بجاءِ نہ مُلان آهن، ۽ نہ فوجي جنتا. پر اُن جي جاءِ ايران جي سامياواد توده پارٽي ئي، وٺي سگهي ٿي. آزاد خيال لوڪشاهي ڇا آهي؟ ايران ۾ آزاد خيال لوڪشاهيت جي روايت ئي نہ آهي. اُها ڪنهن شهنشاهيت جي هٽ هيٺ هلي سگهي ٿي، جيڪو پارليامينٽ کي لوڪشاهي حق ڏئي. پر اُها ڪنهن ٺاهوڪي جنتا، بجاءِ ٿرت هيٺ اچي ڦهڪو ڪندي، پهرين پيري تہ لالچي جرنيل اُن جُڙتو وِگوڙ جو فائدو وٺندا. پوءِ اُهي پاڻ ۾ وڙهي مرندا. جيڪڏهن ڪو جرنيل انهن ماڻهن وچ ۾ مخالفت ۽ ڇتاپيٽي ڪندو تہ اُن وِٿيءَ دوران توده پارٽي قدم رکندي، تہ جيئن ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ جي باقيات کي ايئن بچائي سگهي، جيئن نيپولين فرانس جي باقيات کي بچائڻ لاءِ نروار ٿيو هو. وڏيڪ نيڪ مثال لينن جو آهي، جنهن زار جي خاتمي کان پوءِ رُوس کي بچايو ۽ وڏيڪ تازو مثال مائوزي تنگ جو آهي، جنهن جنرل چيانگ ڪائي شيڪ کي ورثي ۾ مليل وچين بادشاهت جي زوال کان پوءِ چين جي باقيات کي بچايو.

لاطيني آمريڪا پڻ گهڻي عرصي کان آمريڪا جي نگهبانيءَ ۾ رهيو آهي. اُن کان اڳ اسپين ۽ پورچوگال جي بيرحم ظالماڻي بيٺڪيت هئي، جنهن لاطيني آمريڪا کي ايتري اجازت ئي نہ ڏني، تہ اها دانشمنديءَ سان

اُڀري ۽ ترقي ڪري سگهي. لاطيني آمريڪا جي گرم ڌرتيءَ ۾ لوڪشاهيت جو ٻوٽو پوکيو ئي نه ويو هو: رڳو نيپولين جي ميڪسيڪو ۾ ڪِل جهڙي بادشاهتِ جوڙڻ ڪانسواءِ اُتي سرڪار هئي ئي ڪونه. اهو وڏو ڪنڊ ئي هو جتي جا ماڻهو جذباتي ۽ تيز ۽ تِکا هئا. جن ۾ ڏيهي بادشاهت يا لوڪشاهيت جون روايتون ئي نه هيون. لاطيني آمريڪا اهڙن جابر آمرن جو ڪنڊُ بڻجي ويو جن قانون جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو. جن اسپين ۽ پورچوگال جي ٻاهرين بينڪيت بدران پنهنجي قسم جو اندروني بينڪي راڄ جوڙيو. لوڪشاهي روايتن نه هڻ سبب ڪين ظلم جي راڄ جوڙڻ ۾ سهولت ٿي. هنن مان گهڻا يا سڀيئي آمريڪا جا پِٺُوءِ ٻانها هئا. منجهائن ڪو جيڪڏهن مختلف نظرين جو هو تنهن کي ڌِڪي ٻاهر ڪڍيو ويو يا قتل ڪرايو ويو. اهڙين ذلت وارين حالتن 1958ع ۾ ڪاسترو کي جنم ڏنو. ۽ انهيءَ ورثي فيڊل ڪاسترو جي اهميت کي لاطيني آمريڪا ۾ وڌيڪ سگهارو ڪيو. ننڍڙو ڪيوبا، مهان طاقت سرمايدار آمريڪا جي ڳُڪ ۾ ڪنڊو ۽ اولهه يورپ جي مهان طاقتور قومن لاءِ پوائنٽو سپنو آهي.

لاطيني آمريڪا وڏين تبديلين لاءِ سوچي پيو جيڪي تبديليون جهيڙي ۽ رتوڇاڻ واريون هونديون. اُها جدوجهد ماڻهن ۽ فوجي جنتا وچ ۾ هوندي، اُهو پڌرو آهي ته. اُن ۾ عوام جي سوڀ ٿيندي. جيڪڏهن ڪا رُڪاوٽ ٿي ته اُها هلچل کي ويتر رتوڇاڻ بڻائيندي ۽ وڌيڪ تڪڙو ڪندي ۽ نيٺ بيشڪ ماڻهن جي مڪمل سوڀ ٿيندي.

آفريڪا جي ڏاهپ ڀريل نبيري مهل عقلمند سُلجهاءُ لاءِ، لاطيني آمريڪا خاطر پڻ ساڳيءَ روشن حڪمت عمليءَ کي ساڳي طريقي سان واپرائي سگهجي ٿو. اهو وقت آهي ته پاڻ کي مِٽائيندڙ خوديءَ واريءَ هَٺَ کان لنوائي، عقلمند سوچ کان ڪم ورتو وڃي، نه ته پوءِ شايد گهڻي دير ٿي وڃي. اُهو سُٺو آهي ته پاناما ڪئنال وارا معاهدا، پلي سندن کهڙي به قيمت هجي، وقت تي ٿيڻ کپن. ٻيءَ صورت ۾ وڏي مُدي لاءِ طريقيڪار جا نتيجا هاڃيڪار ٿيندا. بيشڪ فيڊل ڪاسترو آمريڪا جي حالتن جي

www.bhutto.org

اهو چيو تہ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ڳنڍ نهي پيو ۽ هُن کين ريجهائڻ لاءِ چيني اڳواڻن جي شانَ ۾ قصدا پڙهيا. پر رياست جو سيڪريٽري سائرس وانس روسين سان جنگي هٿيار گهٽائڻ واري معاهدي 'سالٽ' تي روس سان هڪ جهڙو ڳنڀير ٿي بہ اهڙو نتو واڪاڻي. پر آفريڪا ۾ روس جي ڪردار کي موڪائپ ڪوني ٿو.

آئون شايد ايڏو ڄاڻو نہ هجان. پر مونکي انهن جنگي هٿيارن جو اخلاقي ٻهاني جي پروڙ پئجي نہ سگهي آهي. آمريڪا جا زمين تان هڪدم ۽ ڦُرت مارينڊڙ ميزائيل تڏهن جوکي ۾ اچي ويا آهن. جڏهن روس ترقي ڪري اهڙا تُز ميزائيل ناهيا آهن. ۽ اُهي ان قابل بڻجي ويا آهن. جو ميزائيل رفتار وڌڻ کان اڳ ئي روسي ميزائيل کين اڳ ۾ ئي تباهہ ڪري ڇڏيندا. تنهنڪري آمريڪا اُن عمل ۾ رُڌل آهي تہ انهن ميزائيل جي طاقت کي بدلايو وڃي. يا کين وڌيڪ طاقتور ڪيو وڃي. 'SALT' معاهدي تي تنقيد ڪندڙ سوچين ٿا تہ. ڪروز ميزائيل. هٿ سان ڇُرپر ۾ آڻيندڙ ايم ايڪس ميزائيل ۽ ٽرائيڊنٽ نمبر 11. سب ميرين ميزائيل ۽ بي 52 جهازن جي پوئواري ڪندڙ بمبار جهاز ناهڻ. اُن معاهدي پٽاندر ٽن ورهين ۾ اهو سڀ ڪجهہ منع آهي. بلڪ بي 7 بمبار تہ بلڪل ناس ڪجي. اُن جي معنيٰ اها ٿي تہ اُن معاهدي کي ٻيهر ٽن ورهين تائين اخلاقي طور وڌايو وڃي. پر اها ڳالهہ روس جي ڇُوٽ تي وڌيڪ ٻڌل آهي.

جنگي حڪمت عمليءَ وارن هٿيارن جو ڪهڙو بہ مقصد هجي، پر اهو مسئلو نبيرڻ جوڳو آهي. تہ سوويت يونين وڌيڪ ڇُوٽ ڏيندو يا وري آمريڪا ٻئي معاهدي ۾ وڌيڪ ڇُوٽ ڏيندو. ۽ هو آفريڪا تي پنهنجون مڙهيل پاليسين تان هٿ ڪڍندو. ساڳيءَ وقت روس ۽ چين بہ هڪ ٻئي سان ڳالهين ۾ رُڌل آهن. جيڪي ڪڏهن تيز آهن. تہ وري ڪڏهن ڍريون. جاپان ۽ اولهہ جرمني اُن پريائيندڙ حالت ۾ بيزار ٿي پيا آهن. ٻئي هڪٻئي سان سُهمت نہ آهن. جو هڪٻئي جي ڇڙ ۽ ڪاوڙ ماپي سگهن. اِها ڳالهہ امڪان کان ٻاهر بلڪل نہ آهي. تہ اولهہ جرمني ڪنهن بہ حالت ۾ سوويت يونين سان يورپي مسئلن تي ڳُشادو ۽ مضبوط ناهہ ڪري اها

ساڳي ڳالهه ايشيا جي صورتحال بابت چين ۽ جاپان بابت به چئي سگهجي ٿي. سوويت يونين جي اثر هيٺ غيرجانبداريءَ واري پرڏيهي پاليسي (Finlandization) مُنجهيل ۽ ڄٽڪي ڳالهه آهي، جنهن کي اڄڪلهه طاقتور سياسي لاڙا جاٽائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

آئون وري اها ڳالهه ورجايان ٿو ته، صورتحال ساڳيءَ وَهڪ ۾ نه آهي. هڪڙي پاسي چڪتاڻ وارين حالتن جو خاتمو آهي، ته ٻئي پاسي گهڻا نوان تضاد اُڀرن پيا. جيڪي علائقي ۽ سموري دنيا ۾ آهن. اُهي ساڳيءَ طرح ڳوڙهي سياسي، فوجي ۽ معاشي اهميت به رکن ٿا. ڪجهه حالتن جو ڇيد ڪندڙ ايئن چوڻ ٿا ته نئين سرد جنگ شروع ٿي چڪي آهي. ٻيا اڳتي وڌيڪ چوڻ ٿا ته ٽين مهاڀاري جنگ شروع ٿي چڪي آهي. وڌيڪ رَب ٿو ڄاڻي، پر جيڪو به دنيا ۾ ٿئي پيو سو چڱو نه پيو ٿئي.

تاريخ ۾ ڪالهوڪا نعرا رڳو ماضيءَ جا گيت بڻجي ويندا: توڙي اُهي ٻڌل يا ڳايل آهن جيئن 'جادوءَ ڀريل شام' يا 'رات ۾ هڪ ڌاريو' جهڙا گيت. جيڪي اڄا به جذبن کي ڀڙڪائين ٿا. اُهي گيت مون 1950ع ۾ برڪلي ۾ ۽ 1960ع ڌاري جنيوا ۾ ٻڌا هئا. جيڪي منهنجي رت کي جوش ڏياريندا هئا. هاڻي اُهي منهنجي رَت ۾ اُها گرمي نٿا پيدا ڪن.

ٻنڊيوگ ڪانفرنس ۾ غيرجانبدار ۽ آزاد دنيا جهڙا اصطلاح اڄا به جذبن کي جاڳائين ٿا، پر اُن تجلي جي گرمي ختم ٿي چڪي آهي، ڇوته واقعن ۽ نتيجن طور حالتون اڃي مٿان پهتيون آهن. نئين بينڪيتي راڄ جي لِڪل هٿ مٿان پنهنجي مدد جي ڏيڪاءَ جو ڪوبه فائدو نه آهي. جيڪڏهن جديد بينڪيت جو اُگهاڙو هٿ دنيا جي ڪيئي مختلف پاڱن ۾ پڌرو ڏسڻ ۾ اچي پيو ته اُن جو اهو مطلب نه آهي ته غيرجانبدار هلچل ختم ٿي چڪي آهي. سرمايدارَ نظام يا هڪ سوچ تي ٻڌل سامياواد جا نظريا جيترو پاڻ ٽڪجي چڪا آهن، سي ان کان وڌيڪ نه ٽڪيا آهن، ۽ نه ئي وڌيڪ ٽڪبا: جيستائين سرد جنگ سچ پچ ختم ٿئي، ۽ ديوار برلن کي ڪيرايو وڃي.

www.bhutto.org

اهو ممڪن آهي تہ اُها نراسائيءَ جي انتهائي ڪوشش هجي، تہ ٽين دنيا جي وسيلن تي ڪيئن قبضو ڪجي. شايد ٽين دنيا ۾ پنُويا ڪٺ پُتليءَ سرڪار ذريعي يا فوجي هٿچُراند ڪندي ڪيو وڃي. مونکي ڀروسو آهي تہ نيٺ جديد بنيادن تي نون اصولن پٽاندر سفارتڪاري يا ايلچيگيري ضرور ڪو روپ وٺندي. 1973ع ۾ رمضان واريءَ جنگ کان پوءِ اها ڳالهہ پڌري ٿي آهي، جنهن پٽاندر تيل جي قيمتون اوچتو وڌي ويون آهن. اُن اُپار پٽاندر دنياوي معيشت گهوٽالي ۾ ۽ غيرمتوازن رهي آهي. اُتر ۽ ڏکڻ جي ورهاڱي وڏيڪ ويڇا وڌايا آهن، ۽ اُن جو ڪوبہ سُلجهاءُ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

گڏيل قومن جي امن واريءَ عالمي ڪانفرنس يا گڏيل قومن جي خاص گڏجاڻيءَ کان پوءِ ٻون شهر ۾، ايندڙ مهيني مُک ستن صنعتي طاقتن جي ڪانفرنس رٿيل آهي. برطانوي وزيراعظم ڪيلاهان ڄاڻايو آهي تہ "اهڙين ڪوششن سان اُتر ۽ ڏکڻ وچ ۾ ناهہ ڪيو ويندو." پر پُراڻن تجربا سامهون رکندي مونکي شڪ ٿو ٿئي تہ 1978ع جي جولاءِ مهيني واري ٻون ڪانفرنس مان ڪي اهڙا پڪا ۽ قيمتي نتيجا بہ نڪرندا. ڪنهن ناهہ تي پهچڻ لاءِ وڏين صنعتي طاقتن طرفان اهو سمجهندي تہ سندن معيشت ايڏي جوکي ۾ آهي، پوءِ بہ منجهن صاف نيت جي کوٽ آهي. تہ اُهي پنهنجي گهر ۾ ويهي خيرات يا سخاوت ڪيئن شروع ڪندا. اصل ۾ اُها ئي ڳالهہ آهي، جنهن کي هُو سمجهي نٿا سگهن. ٽين دُنيا خيرات نٿي گهُري، پر اهو پنهنجو جائز حق ۽ حصو گهُري ٿي.

ٻيءُ مهاڀاري يُڌ جي پُڄاڻيءَ مهل سرد جنگ جي چٽاڀيٽي شروع ٿي، جنهن وري هڪ ڀئي وٽ هٿيارن سبب ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي کي جاءِ ڏني. اسان هن گهڙيءَ تي ڏسون پيا تہ، ڇڪتاڻ وارين حالتن سبب نراسائي وڌي پئي. مئي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جي تقرير ۽ تازو انٽاپولس ۾ هُن جي تقرير مان اهو اشارو مليو تہ عالمي طاقتن جي راند (عالمي طاقت لاءِ جاکوڙ) جُڙتو ۽ غيرحقيقي چٽاڀيٽيءَ ڏانهن منتقل پئي ٿئي. اِهو اسان جي سوچ تي آڌاريل آهي، تہ اسان اُن کي ڪيتري اهميت ڏيون ٿا.

www.bhutto.org

مون پنهنجي ڪتاب 'آزاديءَ جي ڏندڪٿا' ۾ اُن جي واڌاري تي ويچاريو آهي. شايد آئون هينئر موجود فرضي ڳالهين کي پڌرو ڪريان ۽ مُک شين کي جوڙيان يا پلٽائي ڇڏيان. ٻه طرفي گڏيل مفادن واريءَ سوچ جي جوڙجڪ، جنهن جو مون ٽين دنيا لاءِ اورچائيءَ سان پرچار ڪيو آهي، ۽ پاڪستان لاءِ خاص طور ڪئي آهي، تنهن کي شايد ٻيهر ڇڪاسٽو پوي. ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي دؤران غيرجانبدار ملڪن جي تنظيم جي گھٽجندڙ قدر کي جُڙتو ڇتاپيٽيءَ يا غير حقيقي ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي ذريعي موٽائي سگھجي ٿو. ٻئي طرف لاڳاپن کي وري نؤينو ڪري سگھجي ٿو.

جڏهن پاڪستاني سرڪار جون واڳون منهنجي هٿ ۾ هيون، تڏهن 1976ع جي وچ ڌاري منهنجو ابتدائي ڌيان انهن مُک طاقتن ڏانهن ويو هو جيڪي دنيا جي متبدل تي پاڻ ۾ وڙهيون پئي. مون 1976ع ۽ 1977ع ۾ انهن ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو هو ۽ پاڪستاني عوام کي ٻڌايو هو ته تي مُک جبري ۽ سخت قوتون آهن، جيڪي سرگرم عمل آهن. ڪڏهن اُهي طاقتون هڪٻئيءَ سان برابريءَ ۾ آهن، ته وري ڪڏهن هڪٻئي سامهون ڇتاپيٽيءَ ۾ آهن. اُهي قوتون آهن: مذهب، سامياواد ۽ قومپرستي. اُهي ٽيئي آدرش ماڻهن ۽ قومن جي ذهنن تي اثر پيا وجهن.

مون پاڪستانين کي ٻڌايو ته ڇمڪندڙ هٿيارن وچ ۾ اڪيلي نمازي ٽيڻ بجاءِ اُهو هن علائقي ۽ دُنيا جي توازن جي حق ۾ آهي ته سندن هڪ هنڌ گڏجندڙ نُقطن مان فائدو وٺجي. ڪين سرچاءِ ۾ رهڻ ڏجي، ۽ منجهن وڌندڙ تضادن وارن نُقطن کان پرهيز ڪجي ۽ ٽڪراءَ کان بچجي. وڌيڪ مون اهو پڌرو ڪيو ته، سڀ ڪان وڏو فن متس عمل جو آهي، ته پنهنجي نظريي تي قائم رهي، ڪنهن ناهه يا تابعداري بغير ايئن ڪجي. اُن جو اڪيلو مطلب آهي: پاڻ به جيئو ۽ ٻين کي به جيئڻ ڏيو. منهنجو مقصد آهي ته جيڪا سچائي آهي، ۽ جيڪو ڏسڻ ۾ به اچي ٿو تنهن تي ڌيان ڏجي. توهان امن جي ڳولا ۾ سِڌو رستو وٺي يروشلم ڏانهن نٿا وڃي سگھو ڇوته اهو سگورو ۽ پاڪ شهر آهي، ۽ نه آفريڪا جو مسئلو ايئن سُلجهائي

www.bhutto.org

سگهو ٿا. جو اُن جي دل ۾ وچ شهر ۾ سي 141 جهازن ذريعي ڇاپابردار فوجون لاهيون.

مائوزي تنگ نئين انسان جي جوڙجڪ جو فيصلو ڪري چُڪو آهي. انقلابي جهنڊي کي سدائين اوچو ڦڙڪائيندڙ نئون چيني انقلاب وڏيڪ 'تيڪ ڏيندو' ۽ پيرا لاٽل ڊينگ زائو پنگ پڻ نئون ماڻهوءَ وجود ۾ آڻڻ ۾ رُڌل آهي. هو اِڳتي وڌندي اهو پهه ڪيو آهي ته هلندڙ صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين اُهو پربت جيڏو ڪم پُورو ڪندو.

ڪنڌُ مٿان جوکي ۽ سزا جي پڇاڙيءَ يعني قيامت جي ڌَپُ جي غلبي هيٺ رهندڙ اُن قيامت جا قاصد آهن. جيڪي ٻڄي حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ چاهين ٿا. جڻ اُهي بدلجڻ جوڳيون نه هجن. اهي اهڙيون حالتون برباد ڪرڻ ۾ ٽڪرَ کن ٿا. جيڪي ايئن وڌن پيون. جو سندن ڪاٿو به نٿو لڳائي سگهجي. جڏهن سامياواد جي پُنيرائي گهٽجي پئي، ته پوءِ هاڻي توهان ڪنهن جي پُٺيءَ تي ڪِرندا؟ آئون ماڻهن مٿان ڪِرندس ۽ سندن سياويڪ ردعملن مٿان ڪِرندس. اڳواڻ کي ماڻهن جون خواهشون، اُمنگون ۽ چاهنائون بلڪل ڄاڻڻ کپي، ۽ انهن آرزوئن پٽاندڙ ماڻهن کي همت ۽ آسائتو دڳ ڏسجي يعني 'واٽ ڏيکارجي.' اُن سماج ۾ دوکو گهڻو 'موتمار ۽ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.'

مون پنهنجا جهيڙا نبيرڻ واري طريقيڪار جي گهُرج تي هڪ ڪان وڌيڪ پيرا لکيو آهي. اهو غير مقرر طريقو ٿي نٿو سگهي. اهو نازڪ ۽ متحرڪ صورتحال ۾ مُستقل نبيرو ٿي نٿو سگهي. اُهو عارضي نبيرو يا سرچاءُ نه پر عارضي گهُرج آهي. اسان کي گهٽي گهُرج اُن ڳالهه جي آهي ته پنهنجا ويچار سهيڙيون ۽ ذهن اُجرا ڪيون. اسان کي سياسي طور نظرياتي سرحدن کي ڇيهو رسائڻ، آڻ مڃڻ ۽ فرض ڪرڻ بنا جنگ ختم ڪرڻي آهي. اسان جنگبندي چاهيون ٿا. ته جيئن مُٺل سوچن ۽ ويچارن کي دفنايون ۽ ٽڪاوٽ تي ضابطو آڻيون. جهيڙا نبيرڻ جي طريقيڪار واريءَ گهُرج ماناڻتي طريقي پٽاندڙ ۽ مٿانهون هئڻ کپي، نه ته ٻئي پاسي سپ پيڙ ۾ پسم ٿي ويندا. يا وري مونکي ايئن چوڻ گهُرجي ته ڪوبه پاسو

www.bhutto.org

جيڪي فوجن ۽ جنتا وچ ۾ آهن. جنهن ۾ تبديلي نٿي ڪري سگهجي، ۽ ماڻهن کان ڌار ڪري نٿو سگهجي. ڪولويزيءَ جي فضا مان اڃا گورن ۽ ڪارن ماڻهن جي عام قتل جي ڌپ ورلي گهٽي هوندي، جو باهريون فوجون موبوتو جي طرفداريءَ ۾ سهابا جي ٿامي واري صوبي ۾ اڃا تائين انقلابين کي مارين پيون. جڏهن موبوتو پرڏيهي مداخلت کي نِندڻ ٺيڪ سمجهي ٿو تہ پوءِ، خرابيون ختم ٿيڻ کپن، ۽ انساني حقن جي پٺڀرائي ڪرڻ گهُرجي، ڇوتہ هرهڪ اُن کي ٺيڪ سمجهي ٿو تہ هن سان ڪهڙا ماڻهو ساڻ آهن. اها ڇوٽي اجائي نہ آهي تہ: مونکي ٻڌايو تہ توهان جا دوست ڪهڙا آهن. پوءِ آئون توهان کي ٻڌائيندس تہ تون اصل ڪير آهين. فرض ڪريو تہ مسئلا نبيرڻ جو طريقيڪار شرطن تي آڻ ميڻ جهڙو نہ هجي، تہ دنيا جي جوڙجڪ کي ٻيهر کهڙو روپ ڏجي، جنهن جي ٻيڙهہ انصاف جي اصولن تي هُجي. اهو حقيقت ۾ ڀڃاڙڪو ۽ بلڪل آخري وجهہ آهي، جيڪو اسان جي آڳرين وچ مان اڃا کِسڪيو نہ آهي.

آئون هاڻي ننڍي کنڊ ۽ ايشيا ڏانهن ٿو اچان. اُن جي ڪشادي ۽انچي جي گُنجائش يا مقصد ۽ اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو آباديءَ جي گهٽي واڌ يا غربت نہ آهي، نہ ئي ٽيڪنالاجيءَ جي کوٽ ئي ڪو مسئلو آهي. انهن مُنجهيل مسئلن جو جواب ڳولهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اسان پنهجن ماڻهن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪريون ۽ کين صحيح گسُ ڏيون، تہ اسان جا ماڻهو ضرور اڳتي وڌڻ لاءِ ڳڏ ٿيندا. جيڪڏهن اسان کين ڀرپور شراڪت ڏيون، کين پوري شرڪت جو وجهہ ملي، ماڻهن جي ڇُڙواڳ قوتن تي سنج وڌا وڃن، ۽ کين دولت مان جهجهو ڀاڱو ڏنو وڃي، ۽ مُستقبل ۾ مشروط سهارو ملڻ جو آسرو ٽٽي، تہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر اُهو ضروري آهي تہ پُورو واجبي طريقيڪار هجي ۽ لائق نظريا هُجن.

قوم جي مجموعي پيداوار پٽاندر في ماڻهو آمدنيءَ جو ڪاٽو ۽ رفتار عالمي مالياتي فنڊ ۽ اوڌر تي بيٺل آهي. مسئلو ساڳيو آهي، جيڪو اسان وٽ ننڍي پيماني تي، ۽ وري دنيا ۾ وڏي پئماني تي آهي. تاريخي ۽

سمجهڻ کان انڪار سبب اُهي عليحدگيءَ لاءِ جنگ جوئي جدوجهد شروع ڪن ٿيون. تنهنڪري خودمختياريءَ کان نابريءَ وارو عمل قومي يڪجهتي ۽ اتحاد کي سگهارو نٿو ڪري، پر کيس تباهه ڪري ٿو. جاپان جيان هڪڙي قوم تي ٻڌل رياست نرالي ڳالهه آهي. چين پڻ پنهنجين قوميتن جي مامري جو نبيرو پاڻ ڳوليو آهي. جيڪو پارٽيءَ جي نظرين ۽ خودمختياريءَ پٺاندر آهي.

برما جيڪو ڏاڍو نيرالو ۽ شاهوڪار ملڪ هوندو هو لعل ۽ ياقوت ۽ ڪچي مال جهجهو هوندو هو هر سال ڪيئي ڪروڙ ٽن چانور پرڏيهه موڪليندو هو سو اڄ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاٿل آهي. ۽ پريشانيون ڪيس چوڏاري ويڙهي ويون آهن. صدر ني ون آزاديءَ جو سپاهي ۽ ڏاڍو ذهين آهي، پر هُن برما جي جنتا کي گهڻي وقت تائين دٻائي رکيو جنهن سبب ڪو سٺو نتيجو نه نڪتو. آئون اهو گهڻي پڇتاءُ سان چوان پيو ڇوته ني ون منهنجو ذاتي دوست رهيو آهي. هن پنهنجي دوستيءَ جي پڌرائي 1967ع ۾ ڪئي، "جڏهن ايوب خان جو ٽولو منهنجي ڪڍ ڪاهي پيو هو." آئون باهرين چندچاڻ ٿو ڪريان ته. ڪيئن فوجي ٽولو ملڪ کي تباهه ٿو ڪري انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو مسئلن کي ڏاهپ سان ڪنيو هو جنهن ۾ سياسي سياڻپ هئي، ۽ سياسي سوڀون هيون، پر پوءِ به انڊونيشيا ۾ مسئلو اڃا موجود آهي.

صدر سوئيڪارنو انڊونيشيا جو پايو وجهندڙ پيءُ هو. هُن انيڪ ٻيٽن کي سهيڙي، کين انڊونيشيائي قوم جو روپ ڏنو. هُن پنهنجن ماڻهن کي عام ٻولي ۽ لپي ڏني. هُن عورتن کي آزادي ڏني. هُن اريان کي مخالفن جي چُنبي ۽ ناٽو ملڪن ۽ آسٽريليا مان آزاد ڪرايو. هي بيجنگ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو. هن انڊونيشيائي ماڻهن کي مانُ ۽ مهانتا ڏني. ۽ انڊونيشيا کي اهميت ڏياري ته هو ايشيا جي مُک قوم ٿئي. سوئيڪارنو سامياواد نه هو پر هُن سوويت يونين ۽ چين سان انڊونيشيا جا دوستاڻا ناتا

صدر هو. سوئيڪارنو جي صدارت ۾ فوجي قوت، اولهه ارين جي آزاديءَ ۽ ملائيشيا جي مخالفت مهل سندس مُلڪ ۽ پاڪستان جي ڀُنيرائي لاءِ اينڊي هئي. جڏهن 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ جنگ لڳي، تڏهن سوهارتو جنتا جي سرڪار ۾ انڊونيشيا جي فوجي طاقت عوام خلاف ٿي پيئي هئي: انڊونيشيائي نوجوانن، ملڪي صحافين ۽ دانشورن خلاف به. جنرل هارتونو ڏارسونو سچائين ۾ ويساهه رکندڙ جنرل ۽ ناميارو سياستدان هو. تنهن هڪ مهيني ۾ انڊونيشيا ۾ ٿيل وڳوڙن جي سببن بابت ڳالهايو. هن چيو ته "مُک سبب آهن. اڳواڻن جي معاشي پاليسيءَ ڏانهن بي اطمينانِي، جيڪا پڻ قومي مجموعي پيداوار سان جُڙيل آهي، ۽ اُن ۾ اهو نه سوچيو ويو آهي ته ناڻي جي ورڇ هڪجهڙائپ سان ٿئي. اُتي اجها خرابي ۽ رشوت آهي ۽ جمهوريت جي کوٽ آهي. جنهن طرح تازو فوجن ورتاءَ ڏيکاريو آهي، تنهن بابت آئون ڏاڍي اُلڪي ۾ آهيان. فوجن جو هٿين خالي شاگردن مٿان ٿيل تازو حملو پڌري پٽ سختيءَ واري پاليسيءَ جو نتيجو آهي. فوج چوي ٿي ته اُهي عوام مان ۽ عوام لاءِ آهن، پر سندن اُهو عمل فوج کي عوام کان پري ڪندو ۽ منجهن فوج خلاف ڌڪار ٿيندو."

سماجواد سوئيڪارنو جي زوال ۽ سوهارتو جي سرڪار جون واڳون وٺڻ سان، جيڪو آزاد خيال ۽ پرڏيهي سيڙپ جي حق ۾ هو ۽ سندس ويچار ۾ پرڏيهي ناڻو انڊونيشيا ۾ پلٽي پوندو، پر سوهارتو جي ٻارهن ورهين جي سرڪار کان پوءِ صورتحال هي آهي، ته پرڏيهي سيڙپڪار انڊونيشيا بجاءِ اُن کان ٻاهر نظرون رکيو ويٺا آهن. اها شڪايت هڪ پرڏيهي بينڪار جڪارتا ۾ ڪئي. هن چيو: "انڊونيشيا ۾ ڪو به تحفظ نه آهي. آئون پرڏيهي سيڙپ بابت گهڻو مايوس آهيان، ۽ پاڻُ ملڪ بابت به."

سوئيڪارنو جي وقت ۾ جيڪو به هو تنهن کان وڌيڪ هاڻي رشوت ۽ خرابي، بيروزگاري آهي، ماڻهن ۾ ڪاوڙ آهي، ۽ ناڻي جي ڦهلاءَ تي ضابطي، قومي مجموعي پيداوار کي وڌائڻ جي وڏين ڀاڪن هوندي به زراعت ۽ ڪارخانن جي اُپت ۾ واڌ نه ٿي آهي. معيشت وڏيءَ گڙٻڙ ۾ ورتل آهي. شاگردن جو مزاج ڪاوڙيل آهي. دانشور نراس آهن، عوام پنهنجيءَ

فوج کي ڏڪاڻ لڳو آهي. اڳي اوڄ تي پهتل فوجي ڦڏاٽپ گهٽجي پئي. سياسي ۽ معاشي ڪاوڙ ڪنهن به گهڙيءَ ۾ هڪدم بغاوت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. سامياواد انڊونيشيا ۾ سگهارو ٿي چڪو آهي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن به نه هو.

مونکي ذاتي طرح سوهارتو لاءِ ناپسنديدگيءَ نه آهي. اپريل 1966ع ۾ جڏهن آئون صدر سوئيڪارنو جو مهمان هيس، تڏهن مون آدم ملڪ جي چوڻ تي سوئيڪارنو کي مڃائڻ لاءِ واجبي ڪردار نڀايو هو ته هو انڊونيشيا جي ڀلائيءَ ۾ جنرل سوهارتو سان ڪُلي مخالفت ۾ نه اچي ۽ پيو پيرو رتوڇاڻ کان بچي. صدر سوئيڪارنو منجهند جي دعوت تي مونکي ڀُڏايو ته آئون ٿي ڪيس مڃائي ٿي سگهيس، جنهن کان پوءِ هُن پنهنجو ذهن بدلايو. دعوت کان پوءِ آدم ملڪ مونکي ٻُڏايو ته انڊونيشيا جا ماڻهو سدائين منهنجا ٿورائتا رهندا. جو مون سوئيڪارنو کي مڃايو ته هو پنهنجيءَ سوچ بدلائي، ٻي صورت ۾ گهڻي رتوڇاڻ ٿئي ها.

مون اهو سڀ نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هو پر هينئر انڊونيشيا ۾ جيڪا حالت آهي، سا نيڪ نه آهي. فوجي جنتا دنيا جي شاهوڪار ملڪ کي ڪنڌر ٻڻائي ڇڏيو آهي. انڊونيشيا ۽ پاڪستان جي حالتن ۾ بلڪل هڪجهڙائپ آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته پاڪستان دنيا جو پوئتي پيل غريب ملڪ آهي. جيڪڏهن ٻارهن ورهين ۾ دنيا جي شاهوڪار ملڪ مان هڪ کي فوجي جنتا تباهه ڪري سگهي ٿي، ته توهان کي اهو سوچڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي ته غريب ملڪن مان ڪنهن ملڪ سان، فوجي جنتا هڪ سال ۾ ڇا نٿي ڪري سگهي ٿي.

انڊونيشيا ۽ پاڪستان ٻئي ايشيا ۾ ۽ مسلمان ملڪ آهن. ٻنهي ملڪن تي فوجي جنتا حڪمراني ڪئي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ فوجي جنتا مشهور اڳواڻن کي سرڪار تان هٽايو آهي. ٻئي مشهور اڳواڻ ظاهري طور چائنا ڏانهن جهڪاءُ رکندڙ سماجواد مشهور هئا. ٻئي عوامي طاقتن ۾ ڀروسو رکندا هئا، ۽ پنهنجن ملڪن جي ڦڏاريءَ ۾ ڀروسو رکندا هئا. جنهنڪري مون هتي انڊونيشيا تي گهڻو لکيو آهي، جنهن جو مقصد صدر

www.bhutto.org

سوهارتو کي ڏوهي ڪوٺڻ نہ آهي. سوئيڪارنو جي انن ورهين جي موت کان پوءِ سوهارتو مجبور ٿي پيو تہ هو اُن ماڻهوءَ کي سُجاڻي جنهن هُن جو تختو ڪڍيو، ڪيس حڪومت مان نيڪالي ڏني هئي. اهو انڊونيشيا جو سورمو هو. ”ڇا فوجي جنتا مونکي بہ مارڻ گهُري ٿي، تہ جيئن منهنجي موت کان پوءِ ماڻهو مونکي سُڃاڻن ۽ مهانَ سمجهن.“

فرقيوار قومپرستي ملائيشيا ۾ وڏيڪ ڳنڀير آهي، پر ملائيشيا ۾ اهڙا سياسي اُپاءَ ڪنيا پيا وڃن، تہ جيئن مٿن ضابطو آندو وڃي. هاڻي اسان هندستان ڏانهن ايندا سين. هندستان ۾ وفاق انيڪ ڳالهين سبب جُٽيل ۽ ڳنڍيل آهي. هتي اتحاد جو مسئلو ايڪتا پٽاندر 1952ع واري آئين ذريعي وفاق جي فيصلي ۾ موجود آهي. شريمتي اندرا گانڌي 1975ع ۾ ٿورو ڪجهہ وقت لاءِ هنگامي حالتون لاڳون ڪيون هيون، نہ تہ هندستان جمهوري سرڪار پٽاندر هلندو رهيو آهي، جنهن ۾ وڏ ۾ وڏ ماڻهن جي ڀائيواري رهي آهي. اڪثر صوبائي خودمختياريءَ کي مڃيو وڃي ٿو.

فوج اڄ ڏينهن تائين پاڻ کي هندستان جي سياست ۾ ڪونہ ٽنبيو آهي. هندستان جا سياستدان اُن حساس مسئلي بابت گهڻو ڏاها آهن. هندستان جي هيٺين طبقي وارو عوام خاص ڪري هندو علائقائي قومپرستيءَ لاءِ عزت رکي ٿو. گانڌي اهو سمجهيو هو تہ جيڪڏهن مسلمانن کي هندستان مان تڙيو وڃي تہ اسلام ٻين ملڪن ۾ موجود رهندو پر جيڪر هندو هندستان مان ختم ٿي ويا تہ پوءِ هندومت ناس ٿي ويندو. هندستان جي اتحاد جو جياپو هندومت ۽ خودمختياريءَ سان لاڳاپيل آهي. هندن جو اهو مذهبي فرض آهي تہ اُهي هندستان کي متحد رکن. هندومت جو وشش آهي: قرباني ڌرتيءَ ماتا جي پوتر جذبن مان ڦُٽي نڪري ٿي. هي هندومت جو نظريو آهي، جنهن ۾ قربانيءَ کي اُتم ۽ پوتر سمجهيو وڃي ٿو.

هندستان جو اتحاد ڪيئي وڏن ۽ ننڍن صوبن جي وجود تي آڌاريل آهي. هڪڙو صوبو ٻئي صوبي تي پنهنجو پاڇو نٿو وجهي، ۽ نہ ئي فوج،

سرڪاري نوڪرين، يا معيشت ۾، هڪ صوبي جي ٻئي صوبي مٿان ڪا هڪهٽي آهي. 1947ع کان 1971ع تائين هندستان جي اتحاد کي سگهارو ۽ برقرار رکڻ لاءِ اهو جُڙتو نظريو مُهم طور هلايو ويو ته. هندستان کي پاڪستان مان جوکو آهي. 1962ع ڌاري اُهو به اُن ۾ شامل ڪيو ويو ته. هاڻي چين جو خطرو هندستان جي اتحاد لاءِ للڪار آهي. 1977ع کان پوءِ هندستان جي اتحاد جي مضبوطيءَ جي واٽ ئي اها هئي ته. هندستاني شاونزم کي ڪتب آندو ويجي. ننڍي کنڊ ۾ نيوڪليائي طاقت جي دعوي ڪنديءَ ۽ غالب پوڻ جي قوت رکڻ جي سوچ اُڀاريءَ هندستاني شاونزم کي ڪتب آڻجي. هندستاني اڳواڻ اهڙي ڪوشش ڪن پيا ته جيئن اهڙو پرچار ڪيو وڃي ته 'پاڪستان ناڪام ٿي چُڪو آهي.' اُهي هندستاني جمهوريت کي پاڪستان جي فوجي حڪومت سان ڀيٽائي ڪاري ۽ اڇي پس منظر ۾ ڏسن ٿا.

انهن سڀني ڪوتاهين جي هوندي به هندستان خاص حد تائين معاشي ترقي ڪئي آهي. اُهو اناج ۾ پاڻپرو ٿيو آهي، ۽ اُهي ڪي غريباڻيون ڪارستانيون نه آهن. پر انهن سڀني سوڀن هوندي به آئون اجا به ايئن چوندس ته. هندستان جي اتحاد کي جيڪو جوکو آهي، سو ترقيءَ ڏانهن ڪنيل مؤثر وڏين وِکن، ۽ نه جهٽلائڻ جهڙي قابليت ماڻيندي به الوپ نه ٿيو آهي. هندستان جي ماٺوڪي وحدت کي جوکو هئڻ هڪ سچائي آهي. اندروني طرح ڪا شيءِ آهي. جيڪا ڳريءَ ۽ سڙي پئي، ۽ اها سوڀاري ۽ ناڪام به ٿي سگهي ٿي. اُن جا نتيجا ۽ حاصلات ڪيئي نُقطن تي آڌاريل آهن، ۽ اُن ۾ پڇاڙيءَ ۾ سڀ کان مُک آهي پاڪستان جو مستقبل. اهو هندستاني عوام ۽ سندن اڳواڻن تي آڌاري ٿو. اُهو آڌاري ٿو ته. علائقي ۾ ڪهڙيون تبديليون ٿين ٿيون ۽ وڏين طاقتن جو ڪردار ڪهڙو آهي. ٽُڪرن ۾ ورهائجڻ جو لاڙو موجود آهي. ڪجهه حصن ۾ اُهي لاڙا وڏيڪ تيز ٿي چُڪا آهن.

هندستان جي وحدت غالب رهنديءَ يا وري فرقيوار قومپرستي نيٺ سوڀاري ٿينديءَ سو هڪ کُليل سوال آهي. اُن ۾ ڪيئي عنصرن جو

1978ع تي ٻڌايو تہ انسانيت ٽين مهاڀاريءُ جنگ جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺي آهي. جيڪڏهن اُها ڊيڄاريندڙ آهوتي اچي ٿي تہ پاڪستان جو مُستقبل بہ باقيءُ دُنيا جيان ٿيندو

محمد علي جناح کي ڪنهن وقت هندو مُسلمان اتحاد جو سفير سمجهيو ويندو هو. پوءِ سياست ۽ معيشت تي غلبو رکندڙ ڄڻائي هندو قوميت جا آثار ڏسي، محمد علي جناح، اقبال جي سپني جي تعبير لاءِ غيررواجي عزم سان پنهنجي سوچ بدلائي. پاڪستان ٺاهڻ لاءِ رُڪاوٽون ڪنهن اَپار جبل جي چوٽين جيان هيون. اُهي رُڪاوٽون هندستان جي ڪانگريس ۽ قومپرست مسلمانن طرفان هيون، جن ۾ مولانا مودودي ۽ جماعت اسلامي بہ هئي. مهاتما گانڌيءَ اهو اعلان ڪيو تہ هُو هندستان جا ٽُڪرا ٿيڻ ڪڏهن بہ نہ مڃيندو.

مسلمان گهڻائيءَ وارن صوبن مان جيڪي رُڪاوٽون سامهون آيون، تن ۾ صوبي ۾ ڪانگريس جي مستقل مفادن جو اڳواڻ ۽ پنجاب جو وڏو وزير خضر حيات ٽوانا، بنگال مان اُها رُڪاوٽ اڏول سياستدان فضل حق کان ٿي، جنهن کي شير بنگال سڏيو ويجي ٿو. الميو اهو آهي تہ اسان جي سياست ڪيترائي شينهن ٺاهيا آهن، پر جڏهن پرک جي مهل آئي آهي تہ اُهي ٻليون ۽ گدڙ بڻجي ويا آهن. سنڌ ۾ مخالفت الله بخش سومري طرفان ٿي، جنهن کي 1943ع ۾ قتل ڪيو ويو ۽ سائين جي. ايم. سيد اُن جو پاسو ڪنيو. سرحد صوبي ۾ اُن مخالفت جي اڳواڻي عبدالغفار خان ڪئي، جنهن کي سرحدي گانڌي سڏيو ويجي ٿو. ايتري قدر مُستقبل ۾ سرحد صوبي کي ڪنهن سان ڳنڍڻ لاءِ فيصلي خاطر ريفرينڊم ڪرايو ويو. بلوچستان جا ڪيترائي اثرائتا اڳواڻ پاڪستان جي حق ۾ نہ هئا، جنهن لاءِ شاهي جرڳو ويهاريو ويو تہ اُن مسئلي جو فيصلو ڪيو وڃي، جنهن کي گهڻي ڳنڀيرتا سان ويچارڻ ۽ ڪم جي گهُرج هئي. جمون ۽ ڪشمير جي رياست ۾ شيخ محمد عبدالله بہ قومي نظريي خلاف هو. پوءِ پاڪستان ڪيئن ٺهيو؟ چوتہ اُهو عوام چاهيو ٿي تہ پاڪستان ٺهي. مسلمان محمد علي جناح تي ڀروسو ڪري سندس پٺيان لڳا، ۽ پنهنجن

رڪندڙ ٽولي جي مفادن کي جوڳو آهي. 1955ع ۾ ون يونٽ ٺاهيو ويو ۽ جيڪا وچٽري خودمختياري اولهه پاڪستان جي روپ ۾ موجود هئي، تنهن کي ٻه ڀِڃايو ويو. ون يونٽ ۽ برابريءَ جي بنياد جي ٿنڀن تي ٻيءَ آئين ٺاهيندڙ اسيمبليءَ پاران 1956ع جي آئين لاڳو ڪيو ويو جيڪو پهرين آئين ٺاهيندڙ اسيمبليءَ جيان هڪ قسم جي ون يونٽ ۽ برابريءَ جو هڪ ئي وقت نفاذ هو. سادن لفظن ۾ مقصد هو ته ٻه رياستون، پر هڪ جو ٻئي مٿان غلبو. ۽ وري غالب پوڻ لاءِ جيڪو هٿيار بڻهي اولهه ۽ اوير پاڪستان لاءِ هو سو ساڳيو رجعت پسند مفاد رڪندڙ ٽولو. 1958ع ۾ چونڊن ٿيڻ کان پنج مهينا اڳ فوجي حڪومت طرفان جنرل ايوب خان 1956ع وارو آئين ٽوڙي ڇڏيو ۽ مارشل لا تحت خودمختياري کي پاسيرو ڪيو ويو. ۽ اُها ٽن ورهين تائين ايئن رهي.

ايوب خان 1962ع ۾ پنهنجو آئين ڏنو جيڪو بنيادي جمهوري نموني جو هو جيڪو اَڻ سڌيءَ طرح چونڊن واري اداري تي ٻڌل هو ۽ حقيقت ۾ اُهو اولهه ۽ اوير پاڪستان جي صوبن لاءِ، انتظامي طور ڪجهه مؤثر هو پر سياسي خودمختياريءَ پٽاندر نه. سياسي خودمختياريءَ جي متبادل نه هئڻ سبب خودمختياريءَ جو مسئلو ويتر وڌندو رهيو ۽ ساڳيو رجعت پسندن مستقل مفاد رڪندڙن جو ٽولو ملڪ تي حڪمراني ڪندو هو. 1969ع ۾ ايوب خان عوامي بغاوت ذريعي حڪومت کان ڌار ٿيو. هُن پنهنجي 1962ع واري آئين پٽاندر سرڪار قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي سونپڻ بجاءِ فوجي پُٺيرائي ڪندڙ اهلڪار يحيٰ خان کي سونپي. جنهن وري مارشل لا لڳايو ۽ رياست جي مهان قوت تي قبضو ڪيو.

عوامي جوش کي ٿڌو ڪندي، جنرل يحيٰ خان واعدو ڪيو ته هو بالغ آڌار 'هڪ ماڻهو هڪ ووٽ' چونڊون ڪرائيندو. هن ون يونٽ ٽوڙي صوبائي خودمختياري بحال ڪئي. يحيٰ خان واقعن کي اهڙي شيطاني ڍنگ سان هلايو جو اهڙو تاثر ڏيئي سگهجي، ته هُن عوام جا دل گهُريا مطالبا مڃيا آهن، پر حقيقت ۾ هُن رڳو ڪرسيءَ تي رهڻ پسند پئي ڪيو ۽ خاص مفاد رڪندڙ ٽولي جي مفادن جو بچاءُ پئي ڪيو. پر پوءِ حالتون هُن جي هٿ مان نڪري ويون.

www.bhutto.org

ويا. تنهن وقت آئون گڏيل قومن ۾ هوس. ۽ پاڪستان کي ناممڪن حالتن مان بچائڻ جي مايوس ڪُن ڪوشش پئي ڪيم. جڏهن يحييٰ خان ڀُڏل بيڙيءَ ملڪ جو جائزو ورتو ۽ ڪيس پڪ ٿي ته هاڻي سڀُ ڪجهه ختم ٿي چڪو آهي، ۽ امڪان اهڙا آهن جو ڪجهه به پلٽ نه پوندو ۽ انديشو هو ته جيڪو ٿورو ڪجهه بچيو آهي، سو جوکم جو ڪم آهي، ته پوءِ هُن مون ڏانهن خاص هوائي جهاز موڪليو ته آئون پاڪستان موٽي اچان. ڳاڙهين اکين سان ڀرسان برانديءَ جي بوتل رکيل، يحييٰ خان 2 ڊسمبر 1971ع جي هڪ صبح جو سادي ڏهين وڳي مون کي ٻڌايو ته هو گهڻو پريشان آهي، ۽ بلڪل ناڪام ٿي چڪو آهي. تنهنڪري آئون 'هڪدم' مُلڪ جون واڳون سنڀاليان. جو آئون ملڪ ۾ اڪيلو ماڻهو بچيو هوس، جو باقي بچيل ملڪ کي بچائي ٿي سگهيس. انهن حالتن ۾ مون کي سوائين ٻارهين وڳي منجهند جو ملڪ جي صدر طور قسم کڻڻو پيو.

آئون سيني محاذن تي ڪُنپيرتا ۽ هوشياريءَ سان ڪم ڪندو رهيس. سڀ کان پهرين مون آئين ٺاهيو جيڪو جمهوري طريقي سان يڪراءِ منظور ٿيو ۽ خودمختياريءَ جهڙي ڏکاري سوال موجود هوندي به مون معيشت کي پيهر سُڌاريو. مون بنيادي سماجي معاشي سُڌارا آندا. مون بنگلاديش جو مسئلو ڪيس محڄ سان نبيريو. آئون هندستان سان ڪنهن ڳجهي ٺاهه بنا شملا ٺاهه جي نتيجي تي پهتس ۽ سنڌ ۽ پنجاب جو پنج هزار چورس ميل علائقو پاڪستان کي واپس ڏياريو. مون نوي هزار جنگي قيدي مان مريادا سان موٽايا، ۽ ڪنهن جنگي جوکي بنا مون لاهور ۾ اسلامڪ ڪانفرنس ڪوٺائي. مون آمريڪا کان هٿيار وٺڻ مٿان پيل پابندي ختم ڪرائي. هاڻي ملڪي حالتن جو سُڌارو ٺاهوڪو هيو جيڪو منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ آڌت ڏيندڙ هو. اهو هو سيني جماعتن سان جمهوري طريقي سان سُهمت ٿي، ملڪ کي آئين ڏيڻ.

پاڪستان ۾ 1973ع جو آئين پهريون آئين آهي، جيڪو جمهوري اسيمبليءَ طرفان يڪراءِ منظور ٿيل آهي، جنهن پاڪستان کي شرف

www.bhutto.org

هرڪائينڊڙ پنيلائينڊڙ منصوبا ناهي موڪليا ويا. تہ اُهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿين يا وري اُن سان سهڪار ڪن. اهڙي قسم جي آڇ سرحد جي آزاد اميدوارن طرفان لڳاتار ايندي رهي. اوائل ۾ آئون ڏِڪار سان انهن آڇن ۽ وينتين کي ڏِڪاريندو هيس. تنهنڪري مون پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ کي ٻڌايو تہ "اُهي آزاد اميدوار ٽِرڪٽا ماٺهو آهن. ۽ اُهي اپرنڊڙ سچ جا پوڄاري آهن. نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام نيٺ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري يڪراءِ تي هڪ آئين ٺاهڻ لاءِ تيار ٿينديون. جيڪڏهن سهڪار نہ ڪنديون، تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اُن کي مڃينديون ضرور. مونکي ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي مسئلا آهن، جن کي سُلجهائڻ لاءِ ۽ سرحد ۽ بلوچستان جي آزاد اميدوارن جي طاقتور پُٺڀرائيءَ سان، ڪمزور حڪومتن کي هلائڻ لاءِ پنهجن توانائين کي موڙڻو پوندو." انهن سببن خاطر منهنجو مقصد هو تہ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي مدد ڪجي، تہ جيئن اُهي سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن. هڪ ڀيرو جيڪڏهن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام احتجاجي سياست بجاءِ ذميوارين جي دائري ۾ اچي ويون، تہ اُن سان منهنجي مٿي جو سُور گهٽجي ويندو. مون انوکو ۽ غيرواجبي اُپاءُ ورتو ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا گورنر رکيا، تہ جيئن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي لڏندڙ ٻيڙي کي سگهارو ڪري سگهجي، ۽ آزاد اميدوارن جي پارليامينٽري سازشن جي شهہ کي مات ڏيئي سگهجي.

نيشنل عوامي پارٽيءَ لاءِ اهڙي جرئتمند نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل اشاري لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي سبب هئا. منهنجي پارٽيءَ ۾ سياستدان يا ٻين پارٽين ۾ خاص ڪري قيوم خان جي مسلم ليگ منهنجي اُن رمز سبب هيسجي ويا. انهن سمجهيو تہ هاڻي پُڄاڻي ويجهي آهي. نہ رڳو سياستدان پر اسان جي سماج جا ٻيا بہ اثر ۽ اختيار رکندڙ ۽ طاقتور طبقا پريشان ٿي ويا. نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پاڪستان لاءِ ڏکيي مخالفت جو آڻ مِٽ ريڪارڊ

هو. انهن جي اڳواڻن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هر اينڌڙ حڪومت هٿان ڪيترائي ورهيه جيل ۾ گهاريا هئا. يحييٰ خان نيشنل عوامي پارٽيءَ کي بيوقوف بنائڻ سان مارشل لا لڳايو هو. پنهنجي زوال کان ڪجهه مهينا اڳ پارٽيءَ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي، تنهن وقت مون هڪدم صدر پاڪستان جا اختيارَ ورتا ۽ مون ڪنهن شرط بنا نيشنل عوامي پارٽيءَ تان پابندي ختم ڪئي ۽ هاڻي مون سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا گورنر رکيا، غيررواجي اُپاءَ پئي ڪنيو ۽ سندن مدد پئي ڪئي، ته اُهي ٻن صوبن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي شرڪت سان گڏيل حڪومت ٺاهين.

اهڙا ڪيترائي وائيٽ پيپر، دستاوز ۽ پاڪستان سُپريم ڪورٽ جي ججن جا فيصلا آهن، جيڪي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اُن دؤر تي اِتهاس لکڻ ۾ يادگار آهن. ايترو چوڻ صحيح آهي ته مون مُفيد ڪوششون ورتيون ته نيشنل عوامي پارٽيءَ ڏانهن سهڪار جو هٿ وڌايو وڃي، جيڪو پاڪستان جي ٻن ٽُڪرن ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان جي جهجهي مفاد وٽان هو. اُهو مصلحت جو نه پر پاليسيءَ جو مسئلو هو مون وٽ اُن ڪيترائي سبب هئا، پر منجهانئن ڪوبه ذاتي ۽ لوبي نه هو. طرفداريءَ تي ٻڌل ڪوبه سبب نه هو. منهنجا سبب پاڪستان ۽ علائقي جي مهان مفادن وٽان هئا. اُها اُتم سوچ هئي. آئون پاڪستان کي هڪ پيرو وري پيهر وجهه ڏيڻ تي چاهيو. مون صاف سُتري ڦرهيءَ سان ابتدا پئي چاهي.

اِهو چوڻ اجايو ۽ سوال پُڇڻ بيهودگي آهي ته مون نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي حڪومتن کي سرحد ۽ بلوچستان ۾ ٻاهيو ۽ انهن ٻنهي صوبن ۾ پنهنجي پارٽيءَ جون حڪومت ٺاهڻ پئي چاهيون. جيڪڏهن منهنجو اهو مقصد هجي ها ته آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ جمعيت علماءِ اسلام کي ٻنهي صوبن ۾ حڪومت ٺاهڻ ۾ پنهنجي رستي تان هٽي مدد نه ڪيان ها ۽ آئون پنهنجي مٿي تي عوام جي مختلف طبقن جو گهانگهو ڳچيءَ ۾ نه وجهان ها. آئون ٻن اسيمبلين جي آزاد اميدوارن کي مات نه ڏيان ها، جيڪي وفاقي حڪومت جي

www.bhutto.org

سوچيا ويچاريا هئا: انهن پاڪستان جو اينريڪو بيلينيئرز ٿيڻ نہ پئي چاهيو. ڍاڪا جي زوال ۽ افغانستان ۾ سردار محمد دائود جي حڪومت ۾ اچڻ سان اهڙيون حالتون پڌريون ٿيون، جو نيشنل عوامي پارٽيءَ جا اڳواڻ اهو سمجهڻ لڳا تہ هاڻي سندن آخري وقت اچي ويو آهي. واقعا تيزيءَ سان مٿي چڙهڻ لڳا ۽ نيٺ آئون سندن شوخي ۽ ويڙهاڪ مقابلي جي موٽ ۾ بلوچستان جي صوبائي حڪومت کي ڊاهڻ تي مجبور ٿيس.

مون آئين ۾ مقرر گُنجائش موجب بلوچستان صوبي ۾ صدارتي راڄ لاڳو ڪيو ۽ اڪبر بُگٽيءَ کي بلوچستان جو گورنر مقرر ڪيو. اڪبر بگٽي منهنجي پارٽيءَ جو ميمبر نہ هو ۽ نہ هو منهنجي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. هاڻي هو جنهن جماعت ۾ آهي، سا جهڙي آهي تهڙي نہ آهي. منهنجو مقصد جيتوڻيڪ بلوچستان تائين محدود هو پر سرحد جي وڏي وزير مُفتي محمود احتجاج ۾ ۽ وڏيڪ ڏيکَ ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي، تہ مٿان آئون هُن کي نہ هٽائي ڇڏيان. اونداهن دڙڪن داب وارن ڪڪرن جي ڇنڇڻ کان پوءِ بلوچستان ۾ بغاوت جو خاتمو ڏکيو ڪم هو. اُن کي ٽوڙڻ ۾ ٽي ٽڪائيندڙ ورهيہ لڳا. اُن کان بچڻ ڏکيو هو. مون بغاوت کي پُنجي ڏيڻ لاءِ فوج کي ملوث ڪرڻ تي سوچيو پر فوج جو ڪردار وڌندو ويو نيٺ اُن جا اثر شهري ادارن تائين وڃي پهتا.

بهرحال، آئون جيڪڏهن فوجي ڪارروائيءَ سميت جهجهي مقدار ۾ سياسي ۽ سماجي معيشت جي علاج طور بلوچستان ۾ اُپاءَ نہ ورتان ها، تہ فوجي ڪارروائي سوڀاري نہ ٿئي ها. منهنجو مقصد منهنجا بنيادي سُڌارا زرعي کيتر لاءِ هئا. جنهن ۾ سرداري نظام کي ختم ڪرڻو هو. روڊن ۽ عمارتون اڏڻيون هيون. ڳوٺن کي بجليءَ سان روشن ڪرڻو هو. ٽيوب ويلن ذريعي بنين ۾ پاڻي پهچائڻ ۽ منجهن ٽريڪٽرن جي هلڻ جي گونج هئي. ۽ ٻيا گهڻ پاسان فائدا هئا. مون غربت ۾ قاتل بلوچستاني ماڻهن جي سوچن کي هٿيڪو ڪيو. آئون اُن ۾ ڪو وڏاءُ نٿو ڪريان. يا پنهنجيءَ ذات کي نٿو واکاڻيان. پر آئون اها دعويٰ ٿو ڪريان، تہ مون سُتل بلوچستان

www.bhutto.org

کي هٿن ڪان جهلي جاڳايو ۽ ڪيس ايترو قابل بڻايو جو اهو ويهين صديءَ ۾ پير پائي سگهي، جيڪو باقي سڄي پاڪستان اڳ ۾ پائي چُڪو آهي.

ٻن موقعن تي مون فوجَ کي گهُربل وقت پوري ٿيڻ بعد بلوچستان مان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو پر ٻنهي موقعن تي فوجَ جي هاڻوڪي چيف آف آرمي اسٽاف اها وڪالت ڪئي ته پچاڙڪو پيرو ڪين مُهلت ڏني وڃي، ته هو بچيل نقصان کي پُنجو ڏئي. اُن سلسلي جي خاتمي بجاءِ هو وڌيڪ اجازت گهُري پيو. جڏهن جنرل ٽِڪا خان چيف آف آرمي اسٽاف هو ته اهڙو ڪوبه مسئلو سامهون نه هو پر هاڻوڪي چيف آف آرمي اسٽاف جيان هو انتظامي ۽ سياسي مشورا نه ڏيندو هو. جنرل ٽِڪا خان پنهنجون ذميواريون فوج تائين محدود رکندو هو ۽ غيرفوجي مسئلن ۾ پنهنجيءَ ٽنگ نه ڦاسائيندو هو. پر جڏهن ڪجهه ماڻهو حيدرآباد ٽربيونل جي چار ۾ ڦاسي پيا، تڏهن هي ماڻهو پريشان ٿي پيو. هي سدائين اها اجازت گهُرندو هو ته هو اَفغانستان جي بغاوت پُنيان پوي، هي شهري ملازمن مٿان تنقيد ڪندو هو خاص ڪري بلوچستان جي آخري چيف سيڪريٽريءَ بابت. مون مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ جيئن بلوچستان مان فوجون واپس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ته صورتحال مونکي اهڙو ٻڌائي ڇڏيو جو آئون هُن جي عجيب کل جهڙي حڪمت عمليءَ کي پوڳيان.

سرحد صوبي ۾ ڏڦيڙ ۽ گڙٻڙ هئي، پر ڪٿي به بلوچستان جهڙي حالت نه هئي. هن صوبي ۾ تباهيءَ بمن جي ڌماڪن سان شروع ٿي. اسڪول ۽ بئنڪون خاص نشانو هئا. بدقسمتيءَ سان نوجوان حيات شيرپائو کي ذڪاري طريقي سان پشاور يونيورسٽيءَ ۾ بم ڌماڪي ۾ قتل ڪيو ويو. پر ڻرت مناسب وقت ۾ صورتحال ضابطي ۾ اچي ويئي.

هوڏانهن افغانستان ۾ صدر دائود باز جيان اسان جي بدلجندڙ حالتن تي اک رکيو ويٺو هو. هُن ڄاتو پئي ته مون سرحد ۽ بلوچستان ۾ حالتن کي اثرائتي نموني مؤثر طريقي سان ضابطي ۾ آندو آهي. جڏهن هُن واقعي ايئن ڀانئيو ته هاڻي حالتن تي منهنجو پُورو ضابطو آهي، ته هُن قائل ٿيڻ

www.bhutto.org

بعد مونکي ڪابل اچڻ جي دعوت ڏني، تہ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ کي نبيريو وڃي. چوتہ هُو ٻين طريقن بابت سوچي ٽڪجي پيو هو. هُن کي پتو هو تہ مون نہ رڳو حالتن تي ضابطو آندو هو پر پرڏيهي هٿچُراند کي بہ حقيقي ۽ امڪاني طرح غير مؤثر بڻائي ڇڏيو هو. مون هُن جي ڳالهين واريءَ دعوت کي پاٽمرادو ايماندار موٽ ڏني. جڏهن مون 1976ع ۾ جُون مهيني جي پهرين هفتي ۾ افغانستان جي ڌرتيءَ تي قدم رکيو تہ افغانستان جي ڪِلمُک ۽ مُرڪندڙ صدر منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. هي اهو ماڻهو هو جنهن سرڪار ڌرڻ کان پوءِ پهرين تقرير ۾ گُجگوڙ ڪندي پاڪستان کي ڌَڙيون ڏنيون هيون. ڪابل ۾ ڳالهيون دوستاڻي ماحول ۾ ٿيون. صدر دائود چاهيو پئي تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيان، تہ جيئن سُٺي ماحول وارو وايومنڊل جُڙي، ۽ اُن جا ڪاراٽتا اثر ٿين. افغانستان تڪراري ڊيورنڊ لائين کي مڃيندو. هن چيو تہ اهڙن سببن خاطر جيڪي آئون هن خط ۾ جاٽائڻ نٿو چاهيان، مون افغانستاني صدر کي ٻڌايو تہ پئڪيج معاهدي پٽاندر ٻنهي طرفن کي ساڳئي وقت اڳتي وڌڻو پوندو. مون هُن کي ٻڌايو تہ هڪجهڙائپ وارن لاڳاپن ۾ توازن تڏهن ئي ٿو جڏهن ڏي۔ وٺ تي ٻَڌل ناهہ ساڳئيءَ وقت تي ٿئي. مون ساٽس وچن ڪيو تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيندس ۽ سندن خلاف تُهمتون واپس وٺندس. ساڳئي وقت هو بہ ڊيورنڊ لائين کي مڃي. اسان سُهمت ٿياسين تہ ڳالهيون هلنديون رهنديون، جيڪي پاڪستان ۾ آگسٽ 1976ع ۾ ٿينديون. منهنجي ڪابل ڇڏڻ کان اڳ هڪڙو گڏيل پڌرنامو نڪتو جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ ٻئي مُلڪ پنهنجا سياسي تڪرار پنجن نُقطن تي ٻَڌل امن ۽ گڏيل بقا پٽاندر سُلجهائيندا.

جڏهن آگسٽ 1976ع ۾ صدر دائود پاڪستان ايندو تہ اهڙو معاهدو ساڳئيءَ وقت عمل ۾ ايندو. پاڪستاني حڪومت، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي آزاد ڪندي، ۽ سندن خلاف بغاوت جا الزام واپس وٺندي، ۽ موٽ ۾ افغانستان حڪومت هاٽوڪين سرحدن جي ڊيورنڊ لائين کي مڃيندي، افغانستان ۽ پاڪستان جي وزيرن جي سربراهيءَ ۾ سفارتي

www.bhutto.org

مونکي اجا بلوچ ۽ پختون اڳواڻن کي پرکڻو هو. مونکي سندن عزت پرئي ناهه جي خيالَ تي ويچارڻو هو. بهرحال، هاڻي سپنو پُورو ٿي چڪو هو. حقيقت ۾ اسان جيڪڏهن ڪُل اختياريءَ واريءَ صورتحال ۾ نہ، تڏهن بہ لاپاٽتي صورتحال ۾ ضرور هئاسين. آئون چوان ٿو تہ اها نماڻائي هئي. جڏهن بغاوت اوُج تي هئي تہ آئون هر وقت اُن ڏپ ۾ ورتل هوندو هئس، تہ پاڪستان، افغانستان ۽ هندستان جي سوڙهيءَ جي وچ ۾ نہ اچي. پر اهو ايئن نہ ٿيو. اها منهنجي پڌري سوڀ هئي. بغاوت ڪجهہ خاص جاين تي مس هئي. اوير پاڪستان جيان اها عالمي سطح تي مشهور نہ هئي. جڏهن پرڏيهي دروازا بند ٿي ويا، ۽ ميدان صاف ٿيُ ويو تڏهن وقت آيو تہ هاڻي بندوق هيٺ رکي، ڳالهيون ڪجن. مارچ 1977ع وارين چونڊن کان پوءِ احتجاج سبب ڳالهيون شروع ٿي نہ سگهيون. جيئن مون اُن احتجاج جو سُلجهاءُ ڳوليو تہ ملڪ ۾ جولاءِ 1977ع ۾ مارشل لا لڳو.

جولاءِ 1977ع ۾ اتڪل سان زوريءَ حڪومت تي قبضي کان پوءِ جنرل ضياءالحق ڪابل جو دوُرو ڪيو. صدر دائود سان ملڻ کان پوءِ ٽُرت ڪابل مان موٽڻ بعد هُن نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي حيدرآباد جيل مان آزاد ڪيو. اُهو وقت ئي مستقبل ۾ ٻُڌائيندو تہ اهو عمل ڪنهن شرط بنا ڪيو ويو هو يا ڪجهہ خاطرين سبب ٿيو هو. مارچ 1978ع ۾ صدر دائود پاڪستان جو دوُرو ڪيو. ڏاڍيون سُنيون تقريرون ٿيون. صدر دائود پنهنجين تقريرن مان هڪ ۾ اُن ڳالهہ جو چٽاءُ ڏنو تہ اجا سياسي نبيري جو سُلجهاءُ رهيل آهي. پر تڏهن اهڙو ڪوبہ گڏيل سرڪاري اعلان نہ ٿيو جڏهن صدر دائود پاڪستان جو دوُرو ڪيو هو.

جيڪڏهن ٿيهن ورهين جي ڇڪتاڻ ۽ ماٺ کان پوءِ، جيڪا ڪڏهن گهٽتو تيز ٿيندي پئي وئي، جون 1976ع ۾ ڪابل ۾ آئون ڪابل سرڪار کان اُهو گڏيل سرڪاري بيان ڪيرائي سگهيس، تہ سياسي ڪاوڙ پُرامن گڏيل رضامنديءَ سان رهڻ جي پنجن اصولن پٽاندر نبيرڻ کپن. پر اها منهنجي لاءِ پرولي هئي، تہ پوءِ جنرل ضياءَ گڏيل بيانَ ذريعي

www.bhutto.org

چو اُن واعدي جي پُٺڀرائي ڪرائي نہ سگهيو نہ ڪابل مان ۽ نہ ئي اسلام آباد مان. جڏهن ٻنهي ۾ وڏيڪ ۽ ضروري ۽ ڳجهو ناهہ ٿئي ها تہ اُن لاءِ وڏيڪ سبب هئا تہ. ڪابل 1976ع واري گڏيل سرڪاري بيانَ تي زور ڏئي، چوتہ اُن ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي عوامي ڀلائي هئي.

شايد تازو ڳجهو ناهہ ٿيو آهي. جيڪو ڪنهن شيءِ يا ڳالهہ لاءِ ڏيڻ يا وٺڻ پٽاندر ناهہ جي اصول تحت لکت ۾ آندو ويو آهي. جڏهن جنرل ضياءَ ڪابل ويو يا صدر دائود 1978ع ۾ پاڪستان آيو. شايد اها وڏي سوڀ هجي. جو گڏيل بيانَ صدر دائود جي پاڪستان واري دؤري جي هڪ مهيني ڪانپوءِ ڪڍيو ويو.

افغانستان ۾ 27 اپريل 1978ع ۾ انقلابي تبديلي آئي. افغانستان جي اڳواڻن چيو تہ پختون ۽ بلوچ مسئلا وجود رکن ٿا. ۽ اُهي اُن سياسي مسئلي جو نبيرو پُرامن ذريعن پٽاندر چاهين ٿا. گُذريل ٻن مهينن ۾ اُن صورتحال بابت هنن گهڻن موقعن تي چيو آهي. آئون هرويرو تنقيد نٿو ڪريان گهُران. پر افغانستان ۾ تبديليءَ جي موٽ جوڪائتي انداز سان ڏني ويئي هئي. ايئن پڌرو پئي ٿيو تہ سرڪاري ٽولي ڪي ڇُوٽ ڏني وئي آهي. وري مٿان گهاون تي لُوڻ ٻُرڪڻ ئي هو تہ. حڪمران ٽولي جو پاڪستان قومي اتحاد سان ڳنڍجوڙ جنهن افغان انقلاب بابت وڏيڪ هاڃيڪار ۽ واهيات بيانَ ڏنا. پريس تي سخت پابندي سبب افغاني انهن چيڙائيندڙ بيانن ڪي سمجهي نہ سگهيا. تہ انهن جو سرڪار سان ڪوبہ ناتو نہ آهي. پر انهيءَ جي سمجهہ ڪين پوءِ آئي. ۽ پوءِ وري اجايا اعلانَ ڪيا ويا تہ. افغانستان ۾ تبديليءَ بابت پاڪستان قومي اتحاد اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون پيون وڃن.

ساڳيءَ وقت افغانستان جي نئين حڪومت ڪي هڪدم مڃيندڙ هندستانَ وڏي ڀاڱ وارو ڪردار نڀائڻ لڳو. هندستاني پرڌيهي وزير لڳاتار بيانَ ڏيڻ لڳو ۽ پاڪستان ڪي ڀروسو ڏياريو تہ. افغانستان بابت اهڙو پريشان ٿيڻ ۽ ڳڻتيءَ جو ڪوبہ سبب نہ هو. انهن بيانن جو مقصد اهو هو تہ. نون افغان اڳواڻن جي شاباس هجي ۽ اُن جو پڪ ڏياري وڃي تہ

افغانستان ۾ آيل تبديليءَ سبب هندستان پريشان هرگز نہ آهي. هندستاني وزيراعظم کي اهڙو ڪوبہ حق نہ هو تہ. هو اهڙو ڦهائتا وارو سياءَ رکي. جيڪو مامرا سُلجهائڻ بجاءِ بگاڙي اهو هڪ ڏک سان بہ شڪار ڪرڻ جهڙو هو. پاڪستان. افغانستان بابت اهڙي اوندهہ ۾ نہ آهي. جو اهو هندستان جي پڪ يا شاباسن تي پاڙي ويهي. واشنگٽن ۾ افغان پرڏيهي وزير اُن ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو تہ پاڪستان سرڪار سندس حڪومت کي مڃڻ ۾ دير ڪئي آهي. پر گڏيل قومن جو هٿيار گهٽائڻ بابت گڏجاڻي اهڙو وجهہ نہ هو جو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ نااتفاقين کي هوا ڏجي. ڇو تہ اهو خاص گڏجاڻي رُڳو هٿيار گهٽائڻ بابت هئي.

هڪبئي جي پريٽ پاڪستاني ۽ افغانستاني نمائندن جا سياسي تڪرارن تي بيان اچڻ لڳا. پاڪستاني نمائندن وري چيو تہ. جون 1976ع ۾ افغانستان ڪان مون جيڪو گڏيل بيان ڏياريو هو. تنهن پٺاندر افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڳالهيون ٿين. جيتوڻيڪ جنرل ضياءَالحق ۽ صدر دائود اسلام آباد ۽ ڪابل ۾ هڪبئي پُنيان ملي چڪا هئا. نيويارڪ ۾ ٿيندڙ خاص گڏجاڻيءَ ۾ پاڪستاني نمائندي کي منهنجي جون 1976ع واري گڏيل بيان تي ئي موٽڻو پيو. هُو ڪوبہ دستاويز يا اهڙو ڪو ناهہ يا گڏيل بيان سامهون آڻي نہ سگهيو جنهن ۾ وڌيڪ اڳيرائي ٿي هجي. اهڙن ڳالهين سبب. جن جي رڳو هُن کي ئي ڄاڻ هئي، پاڪستاني نمائندن لاهور ۾ 1976ع واري ناهہ جي ڪاغذن کي دٻائي ڇڏيو جن ۾ ڄاڻايل هو تہ. سياسي تڪرار ختم ٿي چڪا آهن. اهو ممڪن آهي تہ. آگسٽ 1976ع واري ناهہ کي صدر دائود ڪابل ۽ پاڪستان ۾ جنرل ضياءَالحق سان ملڻ مهل سفارتي دوکي ذريعي بيڪار بڻائي ڇڏيو هجي. اها پاڪستان لاءِ ڪيڏي نہ اياڳائي هئي، جيڪڏهن اُهو مامرو ورهين جي جاکوڙيندڙ ڪوشش سان نبيريو ويجي ها. پر اُن کي وري بيهر کولي پڌرو ڪيو ويو ۽ هاڻي گهڙيال وارو پينڊوليم پاڪستان طرف هو. جيڪو افغانستان طرف ويجي ٿيو آهي. پاڪستان ۾ هر بنيادي مسئلي کي اُن مسئلي سميت وري بيهر کوليو ويو آهي.

www.bhutto.org

اسلام آباد جي انتظام هيٺ آيل حساس ’غير علائقا‘ منهنجي طرفان سنڌن بابت حڪمت عملي بدلائڻ کان اڳ پُراڻين حڪومتن طرفان ’قانون کان آجي ڌرتيءَ‘ جيان هلايا ويندا هئا. پرڏيهي عنصر ڪٿي ڪيڏو به اهميت جو هجي، پر اُن مسئلي کي ڪجهه وڌيڪ مونجهارو ۽ پيچيدگي ڏني آهي، جنهن سبب گهربل ڏيهي خودمختياريءَ لاءِ گهُر کي گهٽي هاڪ ۽ ڌيان مليو. گڏوگڏ بلوچستان جي جنگي اهميت خاص طور 1973ع واري تيل گهوٽالي کان پوءِ اُن مجموعي صورتحال ۾ خاص عنصر هئي.

ون يونٽ کي پاڪستان لاءِ الاهي رحمت ۽ خودمختياريءَ کي مسلمانن لاءِ آٽوٽنڊڙ نظريو سمجهندڙ ماڻهن لاءِ رڳو بلوچستان ۽ سرحد مسلمان قوميت جا بگڙيل پُٽ نه هئا. پر سنڌ جي خودمختياريءَ گهُرندڙ پڻ ايترائي زورائتا هئا. حقيقت ۾ فرقيوار قومپرستيءَ وارو جذبو سنڌ ۾ گهٽو هو. سياسي ۽ فڪري ويچار کان سنڌ. بلوچستان ۽ سرحد کان گهٽو اڳتي هئي. هتي سياسي اثر ۽ اختيارَ ڪانسواءِ تاريخي ۽ معاشي ويچار حصو ونن ٿا. سنڌ جو مسئلو جيتوڻيڪ ڪنهن قدر بلوچستان ۽ سرحد کان شديد آهي، تنهن کي ساڳيءَ قسم جي ايڏي مشهوري نه ملي سگهي آهي، ڇوته نسلي ۽ ٻيا لاڳاپيل لاڙا سرحد ۽ بلوچستان جيان پاڙيسري ملڪن تائين وڌي نه سگهيا آهن. فرقيوار قومپرستي اڪثر صوبي جي سنڌي ماڻهن تائين محدود آهي، ۽ صوبي جي غير سنڌي ماڻهن سان لاڳاپو نٿي رکي. غيرسنڌي آبادي گهڻو ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي مُک شهرن ۾ رهي ٿي، ايستائين جو ننڍين شهرن ۽ واهڻن ۾ غيرسنڌي تعداد ۾ سنڌين کان وڌي ويا آهن. انهن وڏي پيماني تي معاشي قوت ماٺي آهي. اُهي وڌيڪ مُنظم آهن ۽ سرڪاري توڙي فوجي نوڪرين ۾ سنڌن پير چڱا کُتل آهن. تنهنڪري ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ اهو سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌ جي فرقيوار قومپرستيءَ جو ڇوهه زور سان ڦاٽو ته اُن کي سولائيءَ سان ضابطي ۾ آڻي سگهبو. اُن جي پرڏيهي پُنيرائي به نه آهي، ۽ ڏيهي طور به اها محدود آهي. ايئن ڇئجي ته سنڌوديش هلچل کي خاص ڳنڀيرتا سان نٿو

ورتو وڃي، پر ان کي گهٽ سمجهڻ بہ هڪڙي غلطي آهي.

سچائي آهي تہ سنڌ ۾ ٻاهرين کيڏ ۽ دوکي جو هٿ نہ آهي، پر اُن جي اها معنيٰ نہ آهي تہ حساس مسئلي کان لنوايو وڃي، يا ٻتالين يا ٻر گيڊ جي تعداد ذريعي فرقيوار قومپرستيءَ جي جذبي جي تصديق ڪجي. 1843ع واري فتح کان پوءِ گهڻي وقت تائين ايئن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍيو ويو. رڳو 1936ع ۾ اُن کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار ڪيو ويو. سنڌ جي ڪيئي ڀاڱن ۾ چڱي تعداد ۾ هندو اچا بہ رهن ٿا. هندستان جي راجستان صوبي جي سرحد سان لڳولڳ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هندو ڪجهہ تعلقن ۾ گهڻائيءَ ۾ آهن. ٿرپارڪر جا ٺاڪر ۽ راڻا پنهنجي علائقي ۾ اثر ۽ اختيارَ رکن ٿا. انهن جا راجستان جي شهزادن سان سڳاوتيءَ وارا ۽ ٻيا رَت جا رشتا آهن، ۽ سرحد جي ٻنهي طرفن حُر ۽ مهر رهن ٿا. توهان کي شايد اهو ڄاڻڻ جو چاهہ هجي تہ، 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ٽيل ويڙهہ ۾ پاڪستاني فوجن جيڪا آخري جاءِ هٿ ڪئي، سا راجستان ۾ پٺواڙي هئي. سنڌ ۽ راجستان جا ڪهڙا بہ نازڪ رشتا هجن يا ڪٿي نہ بہ هجن، جن جو هتي ٿورڙو لکيو ويو آهي، تنهن ۾ هندستان جا مقصد ۽ لالچ اچا وڌيڪ اهم آهن.

هندستان ننڍي کنڊ جو ورهاڱو دل سان نہ مڃيو آهي. جڏهن هن ڏٺو تہ بنگالين جنگ جو آواز اُٿاريو آهي تہ هن ڏاڍائيءَ سان اوڀر پاڪستان کي ڌار ڪيو. بنگال جي آزادي نڌهن اوڀر پاڪستان جي غير بنگالي آبادي ڪوبہ نتيجو ڪڍي نہ سگهي ۽ لتاڙجي ويئي. هندستان لڏي ويل سنڌي هندو هندستان جي خاص پڙهيل ڳڙهيل مهذب طبقي ۾ وڏو اثر رکن ٿا. مارچ 1977ع ۾ جڏهن ڀارتي جنتا پارٽي چونڊون کٽي آئي تہ وزيراعظم جي عهدي جو نالو ٻن بزرگ سياستدانن جي هٿ ۾ هو جن مان هڪ هو جئي پرڪاش نارائڻ ۽ ٻيو هو آچاريا ڪرپلاڻي، جيڪو سنڌي هندو هو.

ورهاڱي وقت جڏهن سنڌي هندو سنڌ ڇڏي هندستان ويا پئي، تہ آچاريا ڪرپلاڻي سنڌ آيو ۽ هندن جي لڏپلاڻ ۾ مدد ڪئي. محمد علي

جناح هُن کي نياپو موڪليو تہ هو سنڌي هندن کي سمجهائي تہ اُهي پاڪستان نہ ڇڏين. جنهن تي آچاريا ڪرپلاڻيءَ ڪاوڙ ۾ وراڻيو تہ. "شانُ سان ويندا سين. ۽ مانُ سان ايندا سين." محترم آڏواڻي جنتا حڪومت ۾ دهليءَ ۾ سُڌسماءُ جو وزير آهي. ساڳيءَ طرح نيشنل ڪانگريس ۾ اهڙا گهڻي تعداد ۾ اثر ۽ اختيار رکندڙ سنڌي هندو بہ آهن.

هندستان 1971ع واريءَ پاڪ- هند جنگ ۾ سنڌ سيڪٽر تي وڏيڪ زور ڏنو جنهن جو لازمي طور گڏيل سياسي فوجي مقصد هو. ڏکهي مُدي ۽ آتل مقصد کي سامهون رکندي، اهو اچرج ۾ وجهندڙ نہ هو تہ، هندستان جي اها ٻين ۽ ٽين حڪومت هئي، جنهن افغانستان جي نئين حڪومت کي مڃيو هو. اُن صورتحال تي مٿاڇري نهار وجهندي مون اچا ڪراچيءَ بندر جي اهميت کي نہ ڇُهيو آهي، ۽ نہ ئي سنڌ جي وڏي بلوچ آباديءَ بابت ڳالهايو آهي، جيڪا غيرسنڌين جي ڪاتي ۾ ٿي اچي، نہ پختون آبادي جيڪا سنڌ ۾ رهي ٿي، جيڪا پڻ غيرسنڌين جي ڪاتي ۾ ٿي اچي، ۽ نہ هاٿوڪي پختون پورهيت ۽ مزدور طبقي بابت. جيڪو ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيو آهي.

آئون جڏهن پاڪستان جو صدر ٿيس تہ. سنڌوديش هلچل پنهنجي اوُج تي هئي، پر آهستي ۽ خاص ڳالهين سبب منهنجي ساڍن پنجن ورهين جي پاڪستان مٿان ضابطي دؤران. آئون اُن جذبن کي مُڏو ٻڌائي ڇڏيو ۽ نوجوانن جي سوچ کي پاڪستاني قوميت جي جذبي ۾ سموهيو. 1970ع وارين چونڊن ۾ منهنجي پارٽيءَ جنهن قومي نياپو ڏنو تنهن سنڌوديش هلچل جي سرواڻ کي سنڌس ئي علائقي ۾ ٽيهن هزارن کان وڌيڪ ووٽن سان شڪست ڏني. اها وڏي سوڀ هئي تہ سنڌوديش هلچل جي بنياد کي پاڙون پٽي ڪيڏي. آئون وري ٻيهر ورجايان ٿو تہ اها طاقتور هلچل هئي. مونکي ڄاڻايو ويو آهي ۽ مونکي اُن تي اچرج نہ آهي تہ. اُها هلچل وري تيزيءَ سان سگهاري پئي ٿئي. اهو پڌرو ٿئي ٿو تہ. گُذريل ٻارهن مهينن ۾ اُن هلچل گهڻي قدر اُهو بنياد ماڻي ورتو آهي، جيڪو هُن وڃايو هو.

www.bhutto.org

ورهائجي ويندو ۽ اهو هندستان جو رٿيل پڪو پختو مقصد آهي ته پاڪستان جو ڏيوالو نڪري. اهو سوچڻ چريائپ جي انتها ٿيندي ته هندستان سان واپار ڪشمير ۽ سلال ڊيم بابت ويچاريو وڃي، ته هندستان باقي پاڪستان مٿان ڳڙڪائڻ وارين اکين سان نه نهاريندو. اُتلندو رعايتون هندستان جي ٻڪ کي ويتر وڌائينديون. هٿيار اُڇلائڻ ۽ سمجهوتن سان هندستاني اڳواڻ اهو سمجهندا ته پاڪستان باعزت قوم ٿي جيئڻ لاءِ قوت ارادي وڃائي چڪو آهي. بيشڪ هندستان هٿچراند ڪندو پر جيڪو شڪ اُهو آهي ته پاڪستان جا چار صوبا ڪاهيندڙ طاقتن ۾ ڪيئن ورهائبا. اڄڪلهه مُرارجي ڊيسائي ۽ اٽل بهاري واجپائي 'ڪنن جي ڪچن' مارشل لا حڪمرانن جي ڪنن ۾ کير ۽ ماکيءَ جا لفظ پيا آلاپين. اها سِڌي چال آهي. واجپائي 'جن سنگهه' جو اڳواڻ رهي چڪو آهي. اُن سان ڪهڙو فرق ٿو پوي ته هو اڄڪلهه ڇا ٿو چوي هن يا جنگ سنگهه جي ڪنهن تعارف جي ڪُهرج نه آهي. جيستائين مرارجي ڊيسائيءَ جو ناتو آهي ته پاڪستان هلچل جا برک سياستدان اچا جيئرا آهن. جيڪي پڪ ڪندا ته سردار ولڀ ڀائي پٽيل ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪانگريس اڳواڻ پاڪستان جي مخالفت ۾ ايڏو بيرحم نه هو جيترو هندستان جو هاڻوڪو وزيراعظم. نهرو ۽ اندرا گانڌي اُن کان وڌيڪ ڪشادا دماغ ۽ صبر وارا هئا. اُهي پٽيل ۽ ڊيسائيءَ جيان ساڙيلو نه هئا.

اُن ڏس ۾ سُنو آهي ته آئون ٻيهر ورجايان ته رچرڊ نڪسن پنهنجن تازن ڇڏيل ساروٽين ۾ اهو ڄاڻايو آهي ته هندستاني اڳواڻن جو پاڪستان ڏانهن ورتاءُ دوکي ۽ آويساهيءَ وارو آهي.

آئون 4 نومبر جي صبح جو اوول آفيس ۾، هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سان مليس. هُن جو آمريڪا ڏانهن دؤرو نازڪ وقت ۾ ٿيو هو. اٺ مهينا اڳ اوڀر پاڪستان ۾ يحييٰ خان جي حڪومت خلاف وڳوڙ ٿيو هو. هندستاني آفيسرن اهو اطلاع ڏنو ته اٽڪل هڪ ڪروڙ پناهگير اوڀر پاڪستان مان ڀڄي هندستان پهتا هئا. اسان کي پتو هو ته يحييٰ خان کي نيٺ اوڀر پاڪستان جي آزاديءَ واري مطالبي آڏو جهُڪڻو پوندو

www.bhutto.org

تنهنڪري اسان ڪانئس مطالبو ڪيو ته هو وچٿرو ۽ پرچائيندڙ ورتاءُ ڏيکاري. اسان کي اها شڌ نه هئي ته هندستان اُن وجهه مان فائدو وٺندو ۽ نه رڳو اولهه پاڪستان جو اوير پاڪستان مٿان ضابطو ختم ڪندو پر اولهه پاڪستان کي ڪمزور پڻ ڪندو. جنهن طريقي سان اهو بُڌايو ويو ته ويٽنام ۾ جنگ ختم پئي ٿئي، ۽ چين جنهن طريقي سان جرئتمند قدم کنيو تنهن تي اندرا گانڌيءَ اُن کي ساراهيو. اسان پاڪستان ۾ ڏکي صورتحال تي ٻه ڳالهايو ۽ مون زور ڏنو ته اهو ڪيڏو نه ضروري هو ته هندستان کو اهڙو اُپاءُ نه کڻي، جنهن سان اسان جون حالتون ويتر خراب ٿين.

اندرا گانڌي چاهه سان مونکي پروسو ڏياريو ته "هندستان پاڪستان خلاف ڪنهن به طرح مخالفت وارو ورتاءُ نه رکندو. هندستان اهو ڪڏهن به نه چاهيو آهي ته پاڪستان تباهه ٿئي يا اِهو مستقل طور جَڏو ۽ بيوس ٿئي. سڀ کان اُتم هندستان علائقي ۾ امن موٽائڻ چاهي ٿو. اسان هر قيمت تي وڳوڙ ڙڪي ڪيڻ ٿا چاهيون." پر مونکي پوءِ پتو پيو ته اسان جيئن ڳالهايو تنهن وقت اندرا گانڌيءَ کي پتو هو ته هن جا جرنيل ۽ صلاحڪار اوير پاڪستان ۾ دخل ڏيڻ جون سِٽُون سٽين پيا ۽ سوچين پيا ته اُن جي ٻه گهُرج آهي ته اولهه پاڪستان تي ٻه حملو ڪجي.

اُن صبح مونکي اُن سچائيءَ گهٽي ڳٽيءَ ۾ وڌو ته جيتوڻيڪ اندرا گانڌي امن لاءِ پاڻ ارپڻ لاءِ ساک ڪنئي هئي. هُن اُن لاءِ ڪجهه نوس اُپاءُ نه ورتا هئا. ته جيئن ڇڪتاڻ گهٽائي سگهجي. يحييٰ خان اُن ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو هو ته هو هندستاني سرحدن وٽان پنهنجون فوجون پوئتي هٽائيندو. جيڪڏهن هندستان ٻه اُهو ڪيو ته پر هن اهڙو ڪوبه وچن نه ڏنو. هڪ مهينو پوءِ روسي هٿيارن سان هندستان اوير پاڪستان تي حملو ڪيو ۽ اولهه پاڪستان جي سرحدن تي ٻه ويڙهه لڳي. پر اهو پروڙڻ ممڪن نه هو ته هندستان جو ڪهڙو مقصد هو ته پاڪستاني فوجن کي ٻيڙڙو ڪجي يا اهو وڏي پيماني تي پرپور ۽ مڪمل حملو هو؟ جنهن جو مقصد پاڪستاني فوجن کي روڪڻ هو. اُن پيماني جي جنگ جا منصوبا مهيني کان گهٽ عرصي ۾ نهي نه پئي سگهيا. ۽ آئون اُن سوچ تي اٽل

www.bhutto.org

پاڪستان جي اخلاقي ۽ سياسي صورتحال اها آهي ته اهو برطانوي پارليامينٽ طرفان منظور ڪيل هندستان واري آزاديءَ وارو ايڪٽ 1947ع ڏانهن موٽي ويو آهي. صوبن جي خودمختياريءَ جو مقدار جيڪو هنن شعوري طور وفاق اڳيان رکيو هو سو واپس صوبن ڏانهن موٽي ويو آهي. منهنجو صدر دائود سان ڊيورنڊ لائين بابت رضانامو جيڪو آگسٽ 1976ع ۾ نبيريو هو جنرل ضياءَ جي اچڻ ڪان پوءِ صدر دائود اُن ڪان گوٺناٽ پيو ڪري يا اُن ڪي سمجهه ۾ نه ايندڙ سبب خاطر ماٺهن ڪان لڪايو پيو وڃي.

هاڻي اچو ڏسون ته اسان ڪٿي بيٺا آهيون:

1. ملڪ آئين بنا هلي پيو.
2. پاڪستان هاڻي حقيقت ۾ 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ايڪٽ موجب آهي، جنهن کي برطانوي پارليامينٽ منظور ڪيو هو.
3. ڪنهن به طريقي سان صوبن اها خودمختياري ماڻي ورتي آهي، جيڪا هنن 1973ع واري آئين پٽاندر وفاق کي ڏني هئي.
4. افغانستان ڊيورنڊ لائين کي نٿو مڃي.
5. افغانستان اجا چوندو ٿو اچي ته بلوچن ۽ پختونن جو مسئلو پاڪستان سان پُرامن طريقي نبيرڻو آهي. افغانستان وڌيڪ ايئن به چئي ٿو ته پاڪستان سان سياسي مسئلو اجا موجود آهي، ۽ ايران سان نه آهي.
6. هندستان پنهنجن شرطن پٽاندر ڪشمير جو مسئلو نبيرڻ چاهي ٿو.
7. هندستان چين سان سرحدي تڪرار نبيريا آهن، ۽ چين سان دوستاڻا ناتا چاهي ٿو.
8. سوويت يونين، افغانستان سان واعدو ڪيو آهي ته هو افغانستان جي نئين سرڪار جي پُٺڀرائي ڪندو.
9. سوويت يونين سينٽو ۾ پاڪستان جي ميمبرشپ تي اعتراض اُٿاريو.
10. شهنشاهه ايران چتاءُ ڏياريو آهي ته جيڪڏهن ايران ۾ گڙٻڙ هلندي رهي، ته پوءِ توده پارٽيءَ کي اُن جو فائدو پهچندو.

www.bhutto.org

11. هندستان پنهنجي ايٽمي توانائيءَ ذريعي علائقي ۾ حڪومتي حق پيو مڙهي. هن پاڪستان جو اُهو نُقطو رد ڪري ڇڏيو آهي تہ ايشيا کي پُرامن علائقو ڪونيو وڃي.
12. پاڪستاني عوام بلڪ ناآسودو آهي، ۽ مايوس آهي. اُن ۾ ڪو اچرج نہ آهي، تہ 'گارجين' اخبار اسان لاءِ لکيو آهي تہ "پاڪستان اهڙو مُلڪ آهي، جنهن جو ڪو سُلجهاءُ ٿي نہ آهي."

ٿيهن ورهين ۾ اُها وحشي صورتحال ڪيئن ٿي آهي، تنهن جو سبب اهو آهي تہ جو 1954ع کان وٺي اُهي وحشي سِڌو سنئون پاڪستان جي سياست ۾ ٽاڻوڙا پيا هڻن، جيڪي مُستقل مُفادن جي ٽولي جا نمائندا آهن. جنرل ايوب 1954ع ۾ مرڪزي وزير ٿيو ۽ اُن مُستقل مفادن جي ٽولي 1952ع ۾ 'دورشيسٽر هوٽل' ۾ ون يونٽ جو مسودو ٺاهيو. آئون اُن هوٽل ۾ 1950ع کان ويندو رهيو آهيان، جڏهن آئون آڪسفورڊ ۾ پڙهندو هوس. مونکي تڏهن اُها سُڌ نہ هئي تہ اُها هوٽل ون يونٽ جي ذميوار بڻبي. 1958ع ۾ نج فوجي حڪمراني آئي ۽ 1971ع ۾ موٽي ويئي، جنهن ۾ اوير پاڪستان ڌار ٿيو. 5 جولاءِ 1977ع ۾ فوجي ٽولو پاڪستان کي بچائڻ لاءِ وڏيڪ جوش سان آيو جيئن انهن 1971ع ۾ پاڪستان کي بچايو هو.

مارشل لا مڪمل طور نمائنده نہ آهي، اها عوام جي نمائندگي نٿي ڪري، پر اها ضرور رجعت پسند مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي نمائندگي ڪري ٿي. اُن مُستقل مفادن جي ٽولي ۽ سندن نمائندن ۽ هڪ ٻئي پُٺيان ايندڙ فوجي جنتا ملڪ کي هن پوائتي حالت ڏانهن آندو آهي. ننڍي ڪنڊ ۾ سنڌ پهريون صوبو هو جنهن پنهنجي اسيمبليءَ ۾ سڀ کان پهرين پاڪستان جو نهراءُ منظور ڪيو هو. پر اڄ سنڌ پيانڪ حد تائين اٿوٽندڙ ٿي پيئي آهي. بلوچستان بہ ڏهاڪن کان صوبائي حقن سميت پنهنجا خودمختياريءَ جا حق ڇڏي مانار ۾ آهي. ايوب خان جي مارشل لا بلوچ عوام سان سرداري سرشتي يا زرعي سُڌارن سبب يا ٻين ڳالهين سبب ٽڪراءُ ۾ نہ آئي، پر اها ننڍن سياسي مسئلن سبب ٽڪراءُ ۾ آئي، جيڪي

www.bhutto.org

نج ڏيهي قسمر جا هئا. نوروز خان بروهيءَ کي قرآن جو قسمر ڏيئي پهاڙن تان هيٺ لاٿو ويو تہ کيس ڪُجهہ بہ نہ چيو ويندو. پوءِ هُن کي حيدرآباد ۾ ڦاسي ڏني ويئي.

اهو مُستقل مفادن جو ٽولو سيني بُراين جي پاڙ آهي. مون 64-1963ع ۾ ڍاڪا جي قومي اسيمبليءَ ۾ اُن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي تي مُلهائتي جُلهہ ڪئي هئي. اهو اهڙو تہ جوکائتو ۽ کُليو هو جو شجاع آباد ۾ حلقو رکندڙ هڪ پِير سياستدان جي قلعي کي اسان 1970ع جي چونڊن ۾ ڊاهي ڪيرائي وڌو. هنن کي اجا اُها تقرير ياد هوندي، جنهن سبب مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي ايترو تہ لوڏو آيو جو اُن تقرير جي ٽيپ ڍاڪا کان لاهور خاص ايلچيءَ ذريعي اُن وينتيءَ سان گڏ آندي ويئي، تہ جيئن اُها ذاتي طرح ايوب خان کي ڏني وڃي، ۽ هُو هڪدم ٻڌي.

اُهو مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو مونکي ڌِڪاري ٿو چوتہ آئون پاڪستان جو اڪيلو اڳواڻ آهيان، جنهن سندن ٺهيل جُڙيل هڪهٽيءَ کي چيهون چيهون ڪيو آهي، ۽ آئون سِڌو سنئون عوام ڏانهن ويو آهيان. اُهو ٽولو چاهي ٿو تہ آئون سندن معرفت ڪم ڪيان، جيئن ماضيءَ ۾ هنن ٻين اڳواڻن کي چاهيو هو تہ اُهي سندن معرفت ڪم ڪن. پر مون اُن ٽولي کي جواب ڏنو. مون کين چيو تہ توهان رَت چوسيندڙ جَوڙون آهيو جن پنجاب جي نالي ۾ پنجاب جي هيٺئين طبقي جي ڦُرلٽ ڪئي آهي. مون کين ٻڌايو تہ آئون هنن مٿان پنجاب جي عوام ڏانهن ويندس ۽ سندن سمورين نڳين کي پنجاب جي عوام آڏو وائکو ڪندس، ۽ سڄي ملڪ آڏو پڌرو ڪندس تہ جيئن هنن اسلام جي نالي ۾ اسلام کي نڳيو آهي. جيئن هو احتساب جي نالي ۾ احتساب کان بچي ويا آهن. سو انهن پنجاب جي نالي ۾ پنجاب جي عوام کي نڳيو آهي. مسلمان ڀائيچاري جي نالي ۾ جنهن جي سادن لفظن ۾ معني آهي: ون يونٽ. اهي نٽا چاهين تہ پنجاب پاڪستان تي حاوي رهي. پر اُهي پاڪستان مٿان پنهنجي پڪڙ چاهين ٿا. جنهن ۾ پنجاب بہ شامل آهي. پنجاب ۾ ڪجهہ ڪارخانا جوڙي، مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو چاهي پيو تہ، هو پنجاب جي عوام جي خدمت نہ. پر

www.bhutto.org

رڳو پنهنجيءَ ڦُرلٽ کي سگهارو ڪن. پنجابي ماڻهن جي سچي خدمت ملڪ جي باقي بين ڀاڱن جيان رڳو اُن ۾ سمايل آهي ته مستقل مفادن کي ختم ڪجي ۽ ڦُرلٽ جو انت آڻجي ۽ اُن مستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي بلڪل ميساري ڇڏجي. ڇا اُهو ٽولو پنجابي عوام جا حق مڃيندو؟ بيشڪ اهو ايئن نه ڪندو. اُهو پنجابي عوام جي ڪڏهن به خدمت نه ڪندو. اُهو بنيادي تضاد آهي. جنهنڪري پنجاب جو عوام مون سان گڏ آهي، ۽ اُن ٽولي سان نه آهي.

مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو چوي ٿو ته انهن راويءَ جو پاڻي پيتو آهي، ۽ منهنجي لاءِ چوي ٿو ته مون سنڌو درياءَ جو پاڻي پيتو آهي. پر بئي درياءَ پاڪستان جا آهن. بيو ته پاڻي پاڻي آهي، رَت نه آهي. اُن ٽولي عوام جو رَت پيتو آهي، ۽ آئون سمجهان ٿو ته عوام جو رَت د نهنجي پنهنجي ذاتي رَتُ کان وڌيڪ املهه آهي. آئون اُن لاءِ نه آهيان ته ڪنهن جي حاڪمي مڃان، پوءِ ڀلي اها ڏيهي هجي يا پرڏيهي هجي. آئون لوڪشاهي يا رعيتي راڄ چاهيان ٿو. رعيت مان منهنجو مطلب آهي: نج عوام ۽ نه ڪي اُهو ڍڪارجندڙ ٽولو.

آئون 1971ع ۾ پنجاب جي هر واهڻ ۾ ويس، هر ڳوٺ ۾ ويس، ۽ اُن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي ڦوڪٽي مان هوا ڪڍي ڇڏيم. تنهنڪري آئون پنجاب جي عوام جو باقي ملڪ جي غريب عوام جي سچي اڳواڻ جيان، يڪراءِ غير تڪراري اڳواڻ بڻجي ويس. تنهنڪري اُهو ٽولو مونکي ڌڪاري ٿو ۽ منهنجي خلاف پرچار ڪري ٿو. چوته مون انهن کي پنهنجي گهر ۾ وائکو ڪيو ۽ مون پنجاب جي عوام کي چيو ته اُهي اُنهن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي ڳچيءَ کان جهلي ڪچري جي ڍير ۾ اُڇلائين. جنهنڪري اهو ٽولو منهنجي جِند پويان لڳل آهي.

تازو جنرل ضياءَ پنهنجي مارشل لا لاءِ هڪ بيو سبب به ڄاڻايو. هُن هڪ آمريڪي صحافيءَ کي ٻڌايو ته جيڪڏهن آئون چونڊون هارايان ها، تڏهن به حڪومت سونپڻ جو منهنجو ڪوبه ارادو نه هو. هُو ٿُرت سمجهندو ته هُن جي 5 جولاءِ وارو لوڀي عمل نه رڳو پاڪستان کي پر هن

www.bhutto.org

علائقي کي پڻ ڪمزور ڪيو آهي. هن بيشڪ پاڪستان کي سدائين لاءِ هاڃو پهچايو آهي. جيڪڏهن هُو تُرت پنهنجا آپگهات ڪندڙ راڄنيتي اصول واپس نہ وٺندو تہ. پوءِ محمد علي جناح جيڪر ٻيهر جنم وٺي. تڏهن بہ اهو بہ ان صورتحال کي بچائي نہ سگهندو.

مارشل لا ڪنهن بہ سُڌريل ملڪ لاءِ ڪينسر آهي. پاڪستان لاءِ اها اُن جي مقصدن جي نفي آهي. پهريون تہ پاڪستان، عوام جي هڪ جمهوري جدوجهد جي پيداوار آهي. ٻيو تہ دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ پنهنجي مجموعي قومي پيداوار جو ايترو سيڪڙو فوج تي خرچ نٿو ڪري، جيترو پاڪستان ٿو ڪري. دُنيا جي غريب ۽ پُٺتي پيل ماڻهن جي اُها سورمي واري قرباني هر سال ڪئي ٿي وڃي ۽ پاڻ کي ڏکيو رکي فوجن جي حق ۾ ڪئي وڃي ٿي، تہ جيئن پاڪستان جي سلامتي ۽ علائقي خطرن کي مُنهن ڏيئي سگهجي. نہ ڪي فوجون پاڪستان جي پرڏيهي صورتحال تي سمجهوتو ڪري ملڪ تي حڪمراني ڪن.

پاڪستان جيان دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ملڪ نہ آهي، جنهن جي پاڙيسرين اهو قسم کنيو هجي، تہ هو اُن کي دنيا جي نقشي تان ميساري پوءِ ساهہ پٽيندا. اسرائيل پڻ ساڳيءَ صورتحال سان مُنهن پئي ڏنو. جيستائين صدر صدام حسين يروشلم جو دؤرو نہ ڪيو هو. گڏوگڏ اسرائيل کي وري فوجي بالادستي آهي. جڏهن تہ نندي ڪنڊ ۾ صورتحال اُن جي اُبتڙ آهي. هتي فوجون وري رياست جو صفايو ڪن ٿيون ۽ حاڪميت توڙي بالادستي ٿيون ماڻين. جيڪڏهن هنن کي پاڪستان جي سلامتي پياري آهي تہ. پوءِ پاڪستاني فوجون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ پنهنجي حقيقي ذميواريءَ کان نٽائي، مُنهن موڙي نٿيون ڪري سگهن. اُهي ملڪ جي سياسي زندگيءَ ۾ ٽنگڙي هڻي ئي نٿيون سگهن. جيڪي سپاهي بيرڪون ڇڏي حڪومتي ماڙين ۾ مزا ماڻين ٿا. سي جنگيون هارائين ٿا. ۽ جنگي قيدي بڻجي وڃن ٿا. جيئن 1971ع ۾ ٿيو هو. پاڪستاني فوج جا جنرل اُن اِرادي تي پُختا آهن تہ. اُهي وري تاريخ کي ورجائيندا.

جڏهن هي فرد پنهنجي مُلڪ جي مستقبل ۽ مفادن کي پن ٿي هاڃو پهچائين ٿا. اها اولهندي طاقتن لاءِ بُڇڙي ڏنڊڪتا آهي. جو اُهي سوچين ٿا ته اهي اولهندي ملڪن جي مفادن کي بچائي نٿا سگهن. ايشيا ۾ به مُلڪ انهيءَ قسم جي آمريت ۾ گوءِ کٽي ويا آهن. هڪ ٿائيلينڊ آهي، ۽ ٻيو پاڪستان. ٿائيلينڊ کي اها آتت ته آهي، ته اُتي ڪيئي پيڙهين کان شهنشاهيت هلندي ٿي اچي. اُن ملڪ ۾ جڏهن آئين کي رد ڪيو وڃي، ته اُن خال کي بادشاهت جي موجودگيءَ سبب لنوائي سگهجي ٿو. پاڪستان جي پُٺتي موٽ ڪائيندڙ صورتحال برطانوي پارليامينٽ جو هڪ ائڪٽ آهي. جيڪڏهن پاڪستان 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ايڪٽ ۾ ڦيرڦار ڪري يا اُن مٿان هڪ مٿانهون ايڪٽ رائج ڪري ۽ پاڪستان کي ٻيهر برطانيا جي ٻينڪيت ڪوني ۽ پاڪستان جي صوبن کي حصن ۾ ورهائي، ٻين ننڍين رياستن جو درجو ڏئي.

هڪ ڀيري جيڪڏهن پاڪستان جو جمهوري آئين رد ڪيو وڃي ٿو ته پاڪستان حقيقت ۾ پُٺتي واريءَ صورتحال ڏانهن وڃي ٿو. اهو آئيني گهوٽالو منهنجي ذهن ۾ آهي. جڏهن مون قوم کي چتاءُ ڏنو ته مارشل لا جي جائز ڪونڻ جا کهڙا نياڳا ۽ بُڇڙا نتيجا نڪرندا، جن کي آئون 'آئين کان مٿانهون قدم' سڏيان ٿو. پيشيور فوجي آمرن جا دماغ ساڳيءَ انداز سان هلن ٿا. واردات جو طريقيڪار اهو آهي ته انهن پنهنجون بيرڪون لاچار ۽ وقتي طور ڇڏيون آهن. "جنهن کي اهي ٽهٽي عزت ڏين ٿا." ته جيئن ملڪ کي گهرو ويڙهه ۽ سامياواد جي ڀوت کان بچائي سگهجي، ۽ اُن گند کي صاف ڪجي، جيڪو سياستدان ڪيو آهي. قانون جي حڪمراني موٽائجي، رشوت ختم ڪجي ۽ برابري آڻجي.

توهان جيڪڏهن ايوب خان، يحيىٰ ۽ ضياءالحق جي مُک تقريرن جو اڀياس ڪندؤ ته ڪنهن ڏکيائي بنا اُن ۾ ساڳيو سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو. حقيقت ۾ اُهي ٽيچ سپاهي جن جون منفي چاهنائون ۽ مفاد آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ٻين ڀاڱن ۾ به ساڳيءَ طرح پوئيل آهن.

جو پيلو ڙفن آهي.

اولهندي مُلڪن جي تهذيب. عيسائي تهذيب آهي، جنهن مهان ۽ شاندار تهذيب جون پاڙون حضرت عيسيٰ ع جي قول سان جُڙيل آهي. عيسائين جو چوڻ آهي ته حضرت عيسيٰ ع نه رڳو پيغمبر هو پر هُو الله جو پُٽ به هو. اسان مسلمان به هن کي پيغمبر مڃون ٿا. ۽ سندس بي عيب هجڻ واري نظريي تي ويساهه رکون ٿا. پر اسلام سختيءَ سان وحدانيت وارو دين آهي. "اُهو الله جي پيءُ ۽ پُٽ واري نظريي کي نٿو مڃي ۽ نه پاڪ پُوت يا آتمائن کي." عيسائين لاءِ حضرت عيسيٰ ع جون چوڻيون ۽ هدايتون هڪ الله جي پيغمبر کان وڌيڪ مُقدس آهن. عيسائين جي عقيدي مطابق اُهي چوڻيون ۽ هدايتون الله جون پنهنجون آهن. 'ٽين دنيا جا گهڻا مسئلا نبيرجي وڃن. جيڪڏهن عيسائي اولهه جي حضرت عيسيٰ جي هڪڙي هدايت تي عمل ڪن. اُها هدايت آهي':

"جيڪو سيزر جو آهي، سو کيس موٽائي ڏيو. ۽ جيڪو الله جو آهي، سو الله مٿان ڇڏي ڏيو." آئون سمجهان ٿو ته ٽين دنيا کي اُهو کپي، جيڪو سندس آهي، ٻيو ڪجهه به نه. ٻن سؤ ورهين جي وڌيڪ عرصي کان اولهه جا مُلڪ عيسائي تهذيب. حضرت عيسيٰ جي هدايتن جي بيدرديءَ سان ڀڃڪڙي ڪندا رهيا آهن. اولهه هر اها شيءِ پاڻ ڏانهن ڪنئي آهي، جنهن جو لاڳاپو سيزر سان آهي، ۽ جنهن جو ناتو الله سان آهي.

اولهه جا سرمايدار مُلڪ پاڳن کي انصاف پٽاندر نٿا ورهائين. اهي اسان کي اُهو ڪجهه نٿا موٽائي ڏين، جنهن جو ناتو اسان سان آهي. اها ورچ معاشي، سماجي، نسلي ۽ سياسي حقن جي آهي: اُن جي معنيٰ آهي ته آفريڪا ۾ ڪنهن ڏير بنا اڪثريت جو راڄ. ڪنهن کي الڳ رکڻ ۽ پيدياءُ جو خاتمو موقعن ۾ اڻبرابريءَ جو خاتمو انساني حشمت جي عزت ۽ هڪ عزت ڀريئي زندگي. اُن ۾ ڪابه ڪاوڙ جي ڳالهه نه آهي. ان جا انتظام ڪنهن کي هاجو پهچائڻ يا تڪليف ڏيڻ ڪانسواءِ ڪري سگهجن ٿا. اسان کي روز ماني ٽُڪر کپي. اسان اهو زور نٿا ڀريون، ته اُن تي مکڻ، ڪِريم مکي ڏني وڃي اسان اهڙي سطح جي مادي خوشحالي ڪونه ماڻي آهي، جو ڪڳيون هٽون. لالچ ۾ پئون ۽ خودغرضيءَ ۾ فخر ڪيون. اسان اُن

جيڪو ٻار جو تجربو ٿيو هو سو ٻار ڪانئس پوءِ ضايع ٿي ويو. ظاهري طور جيڪو سمجهه ۾ اچي ٿو سو اهو آهي ته اُن پراڻي نظام کي ختم ڪرڻ پوندو ۽ نئون نظام جوڙڻو پوندو. مخالفن انهيءَ سمجهاڻيءَ کي بدگمانيءَ ڪونيو ۽ انقلابي اُن ۾ ناڪام ويا ته آزاديءَ مساوات ۽ ڀائيچاري کي گهٽي حد تائين سگهارن ادارن جو روپ ڏين. رَت جي هوليءَ کي انقلاب ماپڻ جو پيمانو ڪونيو ويو. انقلاب اشرافن کي ماريو پر شرافت وري پڌري ٿي پيئي. انقلاب، بادشاهه ۽ راڻيءَ کي ماريو پر بادشاهه ۽ راڻي وري فرانس جي گاديءَ تي موٽي آيا.

روس ۾ زار ۽ سندس ڪٽنب کي قتل ڪيو ويو. پر روس جو انقلاب انهيءَ عمل تي نه ناهيو ۽ مضبوط ڪيو ويو هو. ڪنهن به طرح اُن جو روس کي طاقتور بنائڻ ۾ ڪوبه ناتو نه هو. جڏهن ته چيانگ ڪائي شيڪ جي پڄڻ ۽ چين جي انقلاب ذريعي طاقتور ٿيڻ جو ناتو هو. جڏهن جمال ناصر. فاروق جي خراب ۽ ڊِڪاريل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. ته هُن جي ڪيئي ساٿين چاهيو ته. فاروق کي موت جي سزا ڏني وڃي. پر ناصر ان کان انڪار ڪيو ۽ هُن فاروق کي مصر ڇڏڻ جو وجهه ڏنو. ناصر جو قدر مهذب دنيا ۾ وڌيو. هن انسانيت جي اوچن قدرن جي پوئواري ڪئي. فاروق پُوري عزت ۽ آبروءَ سان مصر ڇڏيو. شاهي جهاز مصر جي ڪنارن کان جيئن پري ٿيو ته. ناصر پنهنجي اڳوٽي بادشاهه کي سلام ڪيو. سُني مسلمان هئڻ سبب ناصر اسلامي تاريخ جي روايتن جي پوئواري ڪئي. هن جي انقلاب کي ڪوبه نقصان نه رسيو ڇوته هن جو سياءُ کهل سان ٿمتار هو.

ترڪيءَ ۾ فوجي جنتا سوچيو ته. ترڪيءَ جي سوالن جو سولو جواب آهي ته عدنان ميندريس کي موت جي سزا ڏجي. سيپٽمبر 1960ع ۾ ايوب خان مونکي ترڪيءَ ۾ موڪليو ته آئون فوجي جنتا کي اپيل ڪريان ته اُهي ميندريس جي جان بخشين. مون جنرل گورسيل سان ڊگهي ملاقات ڪئي. تنهن وقت ترڪيءَ جو پرڏيهي وزير سليم به موجود هو. جنرل گورسيل مونکي ٻڌايو ته. "موت جي سزا ڏيڻ سان ترڪيءَ جا مسئلا نبيرجي ويندا. ترڪيءَ جي ڪجهه حصن ۾ شديد ردعمل ته ٿيندو پر ڪجهه مهينن کان پوءِ هرڪو ميندريس کي وساري ويهندو." مون جنرل کي ٻڌايو ته. "ترڪيءَ جا مسئلا اُن موت جي سزا سان نه نبرجندا. پر

www.bhutto.org

محل جو شاهاڻو پيڪو ذهن ۾ تري ٿو اچي. جهڙا سرينگر ۾ منهنجا ڏينهن: جڻ ٽڏڙي هير. گلمرگ ۽ پهلگام. ڪشمير جون ماٺريون اچرج ۾ وجهڻ جهڙيون سُندر هيون.

يورپ پنهنجي ليکي ڏاڍو سُهڻو ۽ شاندار آهي. ڪو ماڻهو مسيحي چرچ جي چراگاهه ۾ سانت سان پيار ڪي وساري نٿو سگهي، يا ڪئليفورنيا ۾ سمنڊ رستي، ڪارمل جو ريجهائيندڙ ۽ متڻيندڙ منظر وساري نٿو سگهي. زندگيءَ پيار جو مامرو آهي. قدرت جي هر سونهن سان، هڪ داستان جُڙيل آهي.

مون کي اهو چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ نٿي ٿئي، ته منهنجو سڀ ڪان جذباتي پيار جو مامرو ۽ سڀ کان اثرائتو پيار جو قدمو ماڻهن سان جُڙيل آهي. منهنجو سياست ۽ عوام وچ ۾ اَٽُوٽ سنٻنڌ جُڙيل رهيو آهي. جنهنڪري ماڻهوءَ کي سياسي حيوان سڏيو وڃي ٿو ۽ رياست کي سياسي ناٽڪ منڊلي. آئون گذريل ويهن هلچل مچائيندڙ ورهين کان اُن اسٽيج تي آهيان، ۽ منهنجو ويساهه آهي ته مون کي اچا ڪردار نڀائڻو آهي. منهنجو پروسو آهي ته ماڻهو مونکي اسٽيج تي ڏسڻ چاهين ٿا. پر هاڻي مونکي اسٽيج کان موڪلائڻو پوندو.

آئون توکي پنهنجي سوچن جي سوکڙي ٿو ڏيان، ته تون مون کان سُٺو وڙهندينءَ. تنهنجون تقريرون منهنجين تقريرن کان وڌيڪ فصاحت ۽ بلاغت سان رچيل هونديون. تنهنجو پاڻُ اربڻ به اوترو ئي مڪمل آهي. تنهنجي جدوجهد ۾ وڌيڪ طاقت ۽ جواني هوندي. تنهنجا ڪم وڌيڪ دليرانا هوندا. آئون توڏانهن سڀ کان پوتر مقصد لاءِ دعائون اربيان ٿو. اها اَملهه سوکڙي آهي، جيڪا آئون تنهنجي جنم ڏينهن تي ڏيئي سگهان ٿو. اُها گندي سياست ٿيندي جو زورآر صورتحال کي ڪوشش ڪري گهٽائجي، جنهن جو انسانذات ۽ اُن جي مقصدن تي عقيدو هجي. الله جيڪو خالق آهي ۽ سموري انساني خلق جو مالڪ آهي. الله قادرمطلق هن جهان جو جوڙيندڙ ۽ هن جهان کانپوءِ جيڪو جهان آهي، تنهن جو خالق آهي، جنهن پنهنجي مٿان شرط وڌو آهي، ته هو مهربان ۽ معاف ڪندڙ به آهي. پر ننڍڙي سماج جي ڪنهن به تِيِچ آمر وٽ ايتري اهليت نه آهي، جو هو اهڙو شرط مڙهي. پر اُتلندو هو هَٺَ سان بِناڪ هٽي ٿو ته هو ڪنهن ڏانهن به جوابدار نه آهي.

www.bhutto.org

